راڄمي پادشاهه

لواري شريف

حضرت سلطان الاولياءُ (قدس سره)

فائونڊيشن (رجسٽرڊ)

Scanned with CamScanner

اعزازي ڪاپي

بسم الله الرحمان الرحيم

گل

حضرت قبل راحمي بادشاھ قدس سره

اناں سجاده نشين درگاھ عاليہ لواري شريف

(چوٿين عرس مبارڪ جي موقعي تي)

تاليف: ڦرڙو محمد پناھ

ناشر: حضرت سلطان الاولياءِ قدس سره فائونڊيشن (رجسٽرڊ)

Scanned with CamScanner

جملہ حق حضرت سلطان الاولياءَ (قدس سره) فائونديشن جي بلي

كتاب: راحمي بادشاھ لواري شريف

تاليف: ڦرڙو محمد پناھ

ڳاڻيٽو: پنج سؤ

ڇاپو: پھريون

تاريخ: چوٿون عرس مبارڪ، 18 جمادي الثاني 1420ھ،
29 سيپٽمبر 1999ع

ڇپائيندڙ: حضرت سلطان الاولياءَ (قدس سره)
فائونديشن (رجسٽرڊ)

ڇپيندڙ: نيو مجاز پريس، ڪراچي

ڏس پتو

1) درگاھ عاليہ لواري شريف، ضلع بدين.
2) درگاھ حضرت قاضي احمد رحہ، تعلقہ دولت پور، ضلع نوابشاھ.
3) اسلام قلب، 67 گارڊن ايسٽ، ڪراچي.
4) 125 گارڊن ايسٽ، ڪراچي.

Scanned with CamScanner

مهاڳ

الله جل شانہ جي وڏي ۽ برڪت ڀرئي ناليٰ سان شروع ٿو ڪريان جيڪو لڪل خزانو هو ۽ عشق تيس تہ پاڻ کي سجاڻايان ۽ پنهنجي قدرت کي ظاهر ڪريان. جيئن درويش عبدالله لکوي عليہ رحمت چيو آهي:

عشق ٿيو الله کي، تان جوڙيان هن پرجهان،
پنهنجي قدرت ڪاملہ کي، آءُ ڪريان اظهر عيان،
سڀ ٿين مملوڪ منهنجا، آءُ سين مالڪ ٿيان،
سڀ ٿين عابد سندم، ٿئي مون سندو معبود نام.

صلواتون ۽ درود ان پاڪ ذات بابرڪات جي صورت، سيرت ۽ پيارن تي جن کي مخالفن صادق ۽ امين ڪوٺيو. پنهنجو مٿن سڀ ڪجھ قربان ڪيو. رب پاڪ ڪين رحمت العالمين جو خطاب عنايت فرمايو ۽ پاڻ پنهنجي لاءِ انا احمد بلاميمؐ فرمايو.

صلو عليٰ شاق القمر، فخرالرسل خيرالبشر
شافع امم يوم الحشر، هو بہ اسلام و آلہ،

ان بعد شڪرانو ادا ٿو ڪريان تہ الله پاڪ جي نور جي حاملن جي ذڪر خير ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيو آهي. هن کان اڳ لواري جا لال ياڳو ٻيو، پير بادشاھ نمبر اٺ ۽ پير بادشاھ نمبر10 ۽ سوينيئر سلطان الاولياءَ سيمينار 86ع لکي چڪو آهيان. پڻ وقت بوقت اخبارن ۾ ڪيترا مقالا ۽ مضمون الله پاڪ جي پيارن بابت پيش ڪيا اٿم. اهي سڀ گهڻو

کري درگاهہ معليٰ مکان پاک لواري شريف جي گاديسرن جي ارشاد ۽
هدايتن تحت لکيا ويا. ان سلسلي جي حوالي سان حضرت راحمي بادشاهہ
پير ميان حاجي فيض محمد قريشي قدس سره جن جي حالات مبارک ۽
سلف صالحين بابت هي نهايت مختصر ۽ کي قدر اڻپورو تذکرو نشات
جي مرکزي صدر جناب قمرالدين جوڻيجہ صاحب جن جي حکم موجب
تمام ٿوري عرصي ۾ لکيو ويو آهي.

محبت ۽ اتساهہ مان جيڪو ڪجهہ بہ لکيو ويو آهي، سو شال
انهن جي حضور ۾ مقبوليت جو شرف حاصل ڪري. ڪوشش ڪئي ويئي
آهي تہ حق کي حق ۽ ناحق کي ناحق سڏيو وڃي، اسان حق جا شاهد
آهيون پڻ حق جا امين آهيون حق سچ لکڻ اسان ﺟﻮ شيوو آهي. نہ ڪنهن
جي پاس خاطري ڪئي وئي آهي ۽ نڪي ڪنهن جي دل رنجائڻ جي
ڪوشش ڪيل آهي. جيڪو احوال لکيو ويو آهي، اهو معتبر راوين ۽
معروف مشهور ڪتابن تان ورتو ويو آهي.

حال پريان نالي پڻ اها تمنا درويش حمل فقير رحہ جيان شال
پوري ٿئي!

نالي تنهنجي نروار هوان

مخفي نہ رهي تہ سال 1978ع کان سنڌ يونيورسٽي طرفان پي
ايچ ڊي لاءِ تصوف جو سنڌيءَ ادب تي اثر، تي ريسرچ مقالي جو عنوان
بحال ٿيو. لڳاتار ڏهہ سال ان گورک ڌنڌي ۾ رڌل هيس. ڪيترو وقت
ڏوڙ ڌٿو ٿيڻو پيو. گهڻين درگاهن پيهڻ جو موقعو مليو. بيشمار
ڪاهوڙين سان مهلو يا ڪمهلو ملڻ ٿيو. ساڻن قرب واريون ڪچهريون
ٿيون. ڪجهہ ڏيڻ ۽ ڪجهہ وٺڻ ٿيو. پر سڀ کان اول پنهنجي والدين،
درويش محمد سليمان ۽ امڙ جيجل سمل فقيرياڻي جي صحبت فيض اثر
سبب تصوف سان ۽ درگاهہ معليٰ لواري شريف سان دلي لڳاءُ ٿيو.
منهنجا والدين منهنجا پهريان استاد ۽ رهبر آهن. اهي بظاهر بلڪل امي

Scanned with CamScanner

هئا. مگر سندن سينو مالڪ سائين ايڏو ڪشادو ڪيو هو جو ڪوبہ ڪتاب ڇاپي توڙي قلمي هٿ ۾ کڻڻ سان وڏي واڪي پڙهڻ شروع ڪندا هئا. ڇڻ انهن ڪتابن ۾ جيڪي تصوف جا اهم ۽ خاص نڪتا هوندا هئا، تن جي اهڙي سمجهاڻي ڏيندا هئا، جو يونيورسٽي جو پروفيسر بہ اهڙو نہ سمجهائي سگهي. سندن گهٽ ڪائڻ، گهٽ سمهڻ ۽ گهٽ ڳالهائڻ لوڪ ۾ لڪل نہ آهن. سندن هم عصر ڪڏهن بہ اهو اعتبار نہ ڪندا هئا تہ ڪو هي پڙهيل نہ آهن. بيئي پاڻ ۾ عبادت ۽ رياضت ۾ شرط پچائيندا هئا. انن پهرن ۾ هڪ پهر مس ننڊ ڪندا هئا. جڏهن کان مون کي ساجهہ ۽ سرت ٿي آهي تہ مون اهڙو جوڙو ڪڏهن نہ ڏٺو. مون کي اسم ذات پڻ والدين سمجهايو. پاڻ جيڪو بہ ڪم ڪندا هئا، سو ذڪي جي اسم سان شروع ڪندا هئا. ويهڻ توڙي سمهڻ وقت پنهنجو منهن هميشہ لواري شريف جي طرف ڪندا هئا. جڏهن بہ گهر جي ڪمن مان واندڪائي ٿيندي هين تہ مراقبي ۾ ويهندا هئا يا حمد و ثنا مالڪ الڪل جي ڪندا هئا. سندن اهڙي مشغولين جو اثر ٿيو جو ٽئين درجي پڙهڻ کان پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. ڪجھ ڦڪن اکرن ۾ لکندو هيس. والدين درگاهہ لواري شريف جي گاديسر حضرت مرشد ڪريم گل حسن شاهہ قدس سره جن وٽ بيعت لاءِ پيش ڪيو. جتان روحاني سڪيا سان گڏ ظاهري تعليم لاءِ پڻ همت ۽ دعا ملندي رهي. منهنجي تحريرن ۾ جو ڪجهہ آهي، سو سندن صحبت ۽ دعا جو اثر آهي. منهنجا والدين حضرت خواجہ محمد فقير گاڏهي رحہ جا دست بيعت طالب هئا.

اهو پڻ ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ درگاهہ لواري شريف جي تاريخ لکي ڇڏي اٿم، جيڪا جلد ڏسي سگهندا.

مون کي اميد آهي تہ لواري شريف بابت تاريخي احوال ڏهن سالن جو پورهيو آهي. ان ۾ جيڪو مواد آهي، سو سوين روايتون ڪنڌڻ ۽ اڻ ڳڻين ڪتابن جو جوهر آهي. تصوف ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ تمام

Scanned with CamScanner

لايائتو ڪتاب ثابت ٿيندو.

هن ڪتاب جي پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ جتي بہ جنهن بہ حقيقت بابت ڪين وڌيڪ خبر هجي تہ مؤلف کي آگاهہ ڪرڻ فرمائين تہ ٻئي ڇاپي ۾ شڪريہ سان اهي حقائق پيش ڪري سگهبا.

هن مواد سهيڙڻ ۽ لکڻ لاءِ جن اڪسايو ۽ مدد ڪئي آهي، انهن لاءِ دعائون ئي گهري سگهجن ٿيون، جن ۾ خاص ڪري محترم قمرالدين جوڻيجو، مرڪزي صدر نشات ۽ پرويز ميمڻ، نورچشم آفتاب احمد، خدابخش ارباب،غلام مصطفيٰ قرڙو، جاويد خادم قرڙو جن جي همٿائڻ ۽ هر هر يادگيرو ڪرائڻ لاءِ پڻ سندن دعاگو آهيان. شال ڏٽي ڪين دائمي پنهنجي محبت عطا ڪري. آمين.

1 جمادي الثاني 1420هہ

12 سيپٽمبر 1999ع

خادم طريقت ۽ تصوف

قرڙو محمد پناهہ

Scanned with CamScanner

مقدمہ

درگاھ عاليہ لواري شريف سنڌ ۾ نقشبندي سلسلہ جي مشهور ۽ معروف درگاھ آهي، جنهن جا باني حضرت سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان صديقي قريشي نقشبندي قدس سره جن آهن. سلسلہ نقشبند جي ابتداءَ خليفہءِ اول سيدنا عتيق حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جن کان ٿئي ٿي. پاڻ حضور نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي حياتي مبارڪ توڙي بعد ۾ پنهنجن ويجهن عزيزن ۽ دوستن کي هر روز پاڻ وٽ گهرائي حلقي ذڪر ۾ ويهاري اسم الله جو ذڪر فرمائيندا هئا. سندن حلقي ذڪر جي روايت ڪائنپوءِ بہ جاري رهي سندن اها نسبت سندن نائبن وسيلي هلندي رهي. جيڪا بعد ۾ سلسلئہ صديقيہ نالي مقبول هئي. خواجہ طيفور حضرت بايزيد بسطامي قدس سره جن کانپوءِ هي سلسلو طيفوريہ جي نالي مشهور ٿيو ۽ وچ ايشيا ۾ ديرو دمايائين.

بخارا جي خواجہ محمد بهاءُ الدين نقشبند قدس سره جن هن سلسلي کي نقشبنديہ جو نالو ۽ طريقو ڏنو ۽ خواجہ بيرنگ حضرت باقي بالله قدس سره جن هن طريقہ عاليہ کي ننڍي کنڊ ۾ پنهنجي مرشد حضرت خواجہ امڪنڪي جي حڪم پٽاندڙ مروج ڪيو. هن سلسلي مبارڪ جي امامن جي ترتيب هن ريت آهي.

اسمائي گرامي	ولادت	وفات/مزار
حضرت نبي اڪرم محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وسلم	سومر 12 ربيع الاول 53 ق ھ 9 ڊسمبر 571ع	سومر12 ربيع الاول 11 ھ 7 جون 632ع مدينہ منوره
حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضہ الله تعاليٰ عنہ	572ع	سومر 22 جمادي الثاني 13ھ 25 آگسٽ 634ع مدينہ منوره

حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه	404ع	10 رجب 33ھ 6 فيبروري 654ع مدائن
حضرت خواجه قاسم رضي الله تعاليٰ عنه	38ھ	24 جمادي الاول 108ھ 12 ڊسمبر 719ع مکي ۽ مديني جي وچ ۾
حضرت امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه	18 رمضان 80ھ 7 نومبر 699ع	15 رجب 148ھ 6 جولاء 765ع مدينه
حضرت خواجه بايزيد بسطامي قدس سره		15 شعبان 261ھ 25 مئي 875 بسطام (دمشق)
حضرت خواجه ابوالحسن خرقاني قدس سره		اڱارو 10 محرم 425ھ 5 ڊسمبر 1033ع خرقان
حضرت خواجه ابوعلي فاريمدي قدس سره	407ھ 1016ع	ربيع الاول 447ھ آگسٽ 1084ع فاريمد (طوس)
حضرت خواجه يوسف همداني قدس سره	440ھ 1046ع	22 ربيع الاول 535ھ 3 نومبر 1140ع هرات بکشور
حضرت خواجه عبدالخالق غجدواني قدس سره		12 ربيع الاول 575ھ 11 اگسٽ 1179ع غجدوان
حضرت خواجه عارف ريوگري قدس سره		1 شوال 616ھ 10 ڊسمبر 1219ع ريوگر
حضرت خواجه محمود انجير فغوي قدس سره		17 ربيع الاول 717ھ 31 مئي 1317ع وابڪني
حضرت خواجه علي راتيني قدس سره		سومر 18 ذوالقعد 715ھ 13 فيبروري 1316ع خوارزم
حضرت خواجه محمد بابا سماسي قدس سره		10 جمادي الثاني 755ھ 4 جولائي 1354ع سماس
حضرت خواجه مير گلال قدس سره		8 جمادي الاول 772ھ 28 نومبر 1370ع سوخار
حضرت خواجه بهاء الدين شاه نقشبند قدس سره	4 محرم 718ھ 25 فيبروري 1319ع	چنڇر 3 ربيع الاول 791ھ 2 مارچ 1389ع بخارا
حضرت خواجه يعقوب چرخي قدس سره		5 صفر 851ھ 22 اپريل 1447ع هلفتو
حضرت خواجه عبيدالله احرار قدس سره	رمضان 806ھ مارچ 1403ع	چنڇر 29 ربيع الاول 895ھ 20 فيبروري 1490ع سمرقند
حضرت خواجه محمد زاهد قدس سره		12 ربيع الاول 936ھ 3 نومبر 1529ع سمرقند

Scanned with CamScanner

حضرت خواجه محمد درويش قدس سره		19 محرم 970هه 18 سيپٽمبر 1562ع اسقرار
حضرت خواجه امڪنڪي قدس سره		26 شعبان 1008هه 12 مارچ 1600ع امڪنه
حضرت خواجه باقي بالله قدس سره	972هه 1564ع	25 جمادي الثاني 1012هه 30 نومبر 1603ع دهلي
حضرت امام رباني خواجه مجدد الف ثاني قدس سره	14 شوال 971هه 25 مئي 1564ع	28 صفر 1034هه 12 ڊسمبر 1624ع سرهند
حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره	شعبان 1005هه مارچ اپريل 1597ع	8 جمادي الثاني 1070هه 15 جنوري 1665ع سرهند
حضرت خواجه عبدالاحد قدس سره		27 ذوالحج 1127هه ڊسمبر 1715ع سرهند
حضرت خواجه محمد حنيف قدس سره		1 صفر 1133هه 2 ڊسمبر 1720ع باميان
حضرت خواجه محمد ذڪي قدس سره		1143هه 31-1730ع انڪي لائفي (عربستان)
حضرت خواجه ابوالمساڪين محمد ننوي قدس سره		9 ذوالحج 1145هه 23 مئي 1733ع مڪه مڪرمه
حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره صاحب اللواري قديم لواري شريف	21 رمضان 1125هه 11 آڪٽوبر 1713ع	4 ذوالقعد 1188هه 6 جنوري 1775ع (نئين) لواري شريف
حضرت محبوب الصمد خواجه گل محمد قدس سره	11 ربيع الاول1177هه	27 ربيع الثاني 1218هه 16 اگسٽ 1803ع لواري شريف
حضرت غوث العالم خواجه محمد زمان ثاني قدس سره	رمضان 1199هه جولاءِ 1785ع	17 صفر 1247هه 28 جولاءِ 1831ع لواري شريف
حضرت قطب ڪبير خواجه محمد حسن شاهه مدني قدس سره	5 محرم 1235هه 24 آڪٽوبر 1819ع	7 صفر 1298هه مدينه منوره
حضرت امام الاولياء خواجه محمد سعيد قدس سره	4 محرم 1264هه	2 محرم 1324هه مڪه مڪرمه
حضرت امام العارفين خواجه احمد زمان قدس سره	16 ذوالحج 1297هه	1 رجب 1357هه لواري شريف
حضرت پير بادشاهه خواجه پير گل حسن قدس سره	13 شعبان 1327هه	27 ذوالقعد 1402هه لواري شريف
حضرت راحمي بادشاهه خواجه پير حاجي فيض محمد قدس سره	14 شعبان 1348هه	18 جمادي الثاني 1416هه قاضي احمد
حضرت قبله پير محمد صادق مدظله العالي	24 رجب 1399هه 20 جون 1979ع نوابشاهه	

نقشبنديہ طريقي کي مشهوري ۽ اهميت حضرت خواجہ احمد الفاروقي سرهندي امام رباني مجدد الف ثاني قدس سرھ جن ڏياري. هي سلسلو برصغير ۾ سيني مکيہ سلسلن کان پوءِ پهتو، مگر ان جي اهميت ۽ افاديت سيني طريقن کان وڌيڪ ٿي ويئي، خواجہ نقشبند، طالبن جي اڳيان ”الله“ جي اسم جو نقش لکي رکندو هو. کين امر ڪندو هو تہ ”هن اسم تي اشهد آگر هلايو ۽ دل ۾ ڌيان ان جي ذات باري تعاليٰ ڏانهن ڪيو.“ انهيءَ ڪري کيس ”نقشبند“ ۽ سندس طريقي کي ”نقشبنديہ“ سڏيو ويو. سنڌ ۾ هن سلسلي جي شروعات خواجہ امام رباني قدس سره جن جي فرزند خواجہ محمد معصوم قدس سره جن جي خليفي خواجہ مخدوم آدم صديقي ٺٽوي رحہ جن جي هٿان ٿي. ان کانپوءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نقشبنديہ صوفي اڪابر دين ۽ تصوف جي پرچار ۾ مصروف نظر اچن ٿا. انهن جو ڪاٿو ڪرڻ مشڪل آهي، مگر جن شخصن کي مرڪزي ۽ نمائنده حيثيت حاصل آهي، تن جو اجمالي طور ذڪر ڪجي ٿو.

لاڙ جي خطي ۾ ٺٽي ننگر کي، هنن نقشبندي صوفي بزرگن خاصي اهميت ڏني، ٺٽي ۾ خواجہ مخدوم آدم صديقي رحہ جيڪا خانقاھ جوڙائي، تنهن هن سلسلي جي تدريس ۽ ترويج لاءِ گهڻو ڪم ڪيو. خواجہ صاحب کان پوءِ سندس فرزند خواجہ فيض الله رحہ توڙي خواجہ محمد اشرف رحہ هن سلسلي کي خوب هلايو. مگر وڌيڪ ناماچاري سندس خليفي خواجہ ابوالقاسم درس رحہ جي سببان سلسلي نقشبنديہ کي حاصل ٿي. خواجہ ابوالقاسم رحہ کي ”نورالحق“ ۽ ”ثاني نقشبند“ جي لقبن سان سڏيو ويو آهي. خواجہ ابوالقاسم درس رحہ (وفات 1138ھ) جا ڪيترائي خليفہ مجاز ارشاد جا صاحب ٿيا. انهن مان مشهور ۽ معروف بزرگ هي ٿيا: خواجہ محمد ابوالمساڪين قدس سره بن خواجہ محمد اشرف رحہ بن مخدوم آدم رحہ، خواجہ محمد معين ٺٽوي رحہ، ميان عبدالوالي اگهمي رحہ، حاجي ڪمال اڊيجو رحہ مخدوم ضياءَ الدين ٺٽوي رحہ، مخدوم عنايت الله بصير ٺٽوي رحہ، ميان عبدالباقي اگهمي رحہ، مخدوم حميدانہ رحہ، سيد ناصر رحہ ۽ سيد عبدالاول رحہ، ٻئي فرزند سيد نعمت الله شاھ شيرازي رحہ، درس بلال رحہ، محمد يعقوب سمہ رحہ، سيد سلطان شاھ هندي رحہ يحيٰ عرب رحہ، عبدالرحيم سومرو رحہ، مير مرتضيٰ رضوي رحہ، سيد رحمت الله

ٺٽوي رحہ(1) مخدوم آدم صديقي رحہ جا ٻيا بہ خليفا هئا. جن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هن طريقي کي متعارف ڪرايو. انهن مان معروف هي بزرگ آهن: مخدوم ابوالحسن ڏاهري رحہ وچولي ۾ شيخ ابراهيم رحہ روهڙائي اتر ۾، مخدوم صابر ولهاري رحہ ٿر ۾، سيد فتح محمد رحہ ۽ شيخ انس رحہ پڻ سنڌس خليفا هئا. جن بہ پنهنجي وس آهر هن سلسلي جو پرچار سنڌ اندر ڪيو.

خواجہ ابوالمساڪين محمد ٺٽوي مڪي قدس سره کي نقشبنديہ سلسلي جي امانت خواجہ شيخ ابوالقاسم درس رحہ کان بعد از وفات عنايت ٿي. جيتوڻيڪ خواجہ ابوالقاسم رحہ جو فرزند حافظ ابراهيم رحہ ارشاد جو صاحب هو. خواجہ ابوالمساڪين قدس سره پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي هن سلسلي جو امام ۽ قائم مقام خواجہ محمد زمان سلطان الاولياءُ قدس سره جن کي مقرر فرمايو ۽ پاڻ بہ ان کان دست بيعت ٿيو.(2) حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره کان هن سلسلي ايتري تقويت حاصل ڪئي، جو سنڌ ۽ هند کان علاوه ايران، عراق، شام ۽ خود عربستان جا ڪيترا وڏا مشائخ سندن پوئلڳ سڏائڻ لڳا.(3) حضرت خواجہ محمد زمان سلطان الاولياءُ قدس سره جن لکين ماڻهن کي فيض ڏنو ۽(4) هن سلسلي ۾ ڪين داخل ڪيو. حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جا ڪيترائي خليفا هئا، جن مان مشهور هي آهن:(5) شهيد علام عبدالرحيم گرهوڙي رحہ، خواجہ قاضي احمد دمائي رحہ، خواجہ عيسيٰ دشتي رحہ، خواجہ سڏاتوره رحہ، خواجہ ابوطالب اگهمي رحہ، خواجہ محمد صالح ڏاهري ڪڙائي رحہ، ٻنگو فقير گوپانگ رحہ.

خواجہ محمد زمان سلطان الاوليا قدس سره جي خليفن نقشبندي طريقي جي واٽ وٺي دين جي خدمت ڪئي ۽ ڪيترن انسانن جي اخلاق کي سنواريو ۽ بلند ڪيو. انهن مڙني ۾ حضرت قاضي احمد رحہ صاحب

(1) مير علي شير قانع. معيار سالڪن قلمي باب ٻارهون (پارسي)
(2) اعجازالحق قدوسي. تذڪره صوفياءِ سنڌ، اردو، ٻيهريون ايڊيشن ص 51گه سال 1959ع
(3) بلوچ خان ٽالپر. فردوس العارفين قلمي پارسي
(4) خليفہ نظر علي حاڪي، مرغوب الاحباب قلمي پارسي
(5) مير علي شير قانع. معيار سالڪان قلمي پارسي

پنهنجي مريدن ۽ معتقدرن جي وسيع دائري ذريعي نقشبندي طريقي جي فيض کي سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر گهڻو وڌايو.

حضرت خواجہ صاحب قدس سره جن جي خليفن مان مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي شهيد رحہ. قاضي احمد صاحب رحہ ۽ سيد محمد لاهوري رحہ وقت جا عالم هئا. جن ۾ گرهوڙي رحہ صاحب کان پوءِ قاضي احمد صاحب رحہ علم ۽ فضل ۾ ٻين مڙني کان مٿيرو هو. حضرت قاضي احمد رحہ کي خواجہ محمد زمان قدس سره کان خلافت ملي. سندن مريدن جو دائرو وسيع هو، پر هيٺيان چار بزرگ سندس وڏا خليفا هئا:

1- سيد نور محمد شاهہ ڪنڊائي، ڪاهي ڪنڊا. تعلقي نوشهرو فيروز جو.

2- مخدوم عبدالوالي دربيلي جو (تعلقہ ڪنڊيارو)

3- سيد حسين شاهہ رتڙ چتڙ. ضلعو گرداس پور (ڀارت) جو جنهن هندستان (برصغير) ۾ فيض عام ڪيو. ايتري قدر جو سندس ٽي سو سٺ خليفا ٿيا.(1)

4- ميان عبدالڪريم ڪٽي، پينگهاري، تعلقي هالا جو.

انهن چئن وڏن خليفن کان سواءِ سندس ٻيا معتقد پڻ وڏي درجي وارا هئا. انهن ۾ ميان پير محمد ڏيپارجن (تعلقہ مورو) جو ۽ سندن فرزند ميان محمد صالح وڏا اهل دل هئا. ميان پير محمد کي هڪ خط ۾ لکيو اٿن: ءِفضائل و ڪمالات دستگاهہ. نور بصر. راحت روحي ، ميان پير محمد جيو سلمہ ربہ.۽ حضرت قاضي احمد رحہ جن کان برصغير کان علاوه عرب ۾ بہ هن طريقي نقشبنديہ جو ڦهلاءُ ٿيو. ڪائڻ حضرت شاهہ سيد حسين رحہ المعروف پوري والي، رتڙچتڙ. مڪان شريف. ضلع گرداس پور، انڊيا کي فيض مليو. ان درگاه جا مشهور اولياءُ الله گاديسر ٿيا. تن مان خواجہ امام علي شاه مڪان شريف رحہ. حضرت خواجہ سيد صادق علي شاهہ رحہ جو وڏو مرتبو آهي، جنهن کان حضرت خواجہ بابا اميرالدين رحہ ڪوٽلہ شريف وارا فيضياب ٿيا. شرقپور شريف جا بزرگ

(1) مرتب: مولانا غلام محمد گرامي تحفہ لواري شريف مقالہ نگار: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي گہ اول ص 9

شير رباني ميان شير محمد صاحب رحہ پڻ هن لڙهہ ۾ شامل آهي، جنهن
کان وري فيض ورتل حضرت گنج کرم سيد محمد اسماعيل شاهہ
بخاري رحہ. کرمان والي (اوڪاڙهہ) وارا شامل آهن. انهن کان حضرت
علامہ محمد شفيع رحہ اوڪاڙوي خطيب پاڪستان ۽ سندس فرزند
ارجمند حضرت علامہ ڪوڪب نوراني اوڪاڙوي جهڙا علماءِ اهل سنت
فيض ۽ توجهہ حاصل ڪيو.

پيا بہ ڪيترا بزرگ هن شاخ مان فيضياب ٿيا ۽ صاحب ارشاد
بڻيا جن جو مڪمل خاڪو ڏجي ٿو:

حضرت پير بدن (بڍڻ) شاهہ رحہ ڪلانوري، نزد ڪوٽ ميان
صاحب، دليل پور، ضلع گرداس پور (ڀارت). حضرت مير لطف الله
نقشبندي رحہ. حضرت بهادر شاهہ طيب الله مشهدي نقشبندي رحہ.
حڪيم احمد علي امرتسري سيال ڪوٽي رحہ. ميان خدا بخش نقشبندي
رحہ. حضرت ميان شگفتين بيگ نقشبندي رحہ. حضرت مولانا محمد
اعظم نقشبندي رحہ. حضرت مفتي محمد مسعود دهلوي رحہ. مولانا
غلام مصطفيٰ رحہ. (امام مسجد فتح پوري دهلي رحہ.) مولانا فتح
محمد نقشبندي رحہ. سيد انوار شاهہ نقشبندي رحہ. حضرت منشي احمد
جان نقشبندي رحہ. مولانا نوراحمد خان نقشبندي رحہ. مولانا شير محمد
خان نقشبندي رحہ. مولانا شير محمد خان نقشبندي بدخشاني رحہ. ميان
عطا محمد نقشبندي رحہ. مولانا رسول بابا نقشبندي رحہ. ميان شاهہ
محمد نقشبندي، حضرت خواجہ مظهر جمال، ڏرم ڪوٽي رحہ. حضرت
خواجہ اميرالدين رحہ نقشبندي ڏرم ڪوٽي (ضلع گرداس پور). حضرت
شاهہ مظهر الله دهلوي نقشبندي رحہ. حضرت ميان غلام الله نقشبندي
شرق پور رحہ. حضرت سيد نورالحسن شاه نقشبندي ڪيليان والي رحہ.
حضرت صاحبزاده محمد عمر نقشبندي رحہ بيربل شريف. ضلع سرگوڌا.
حضرت صاحبزاده مظهر قيوم نقشبندي مڪان شريف (انڊيا). حضرت
ميان رحمت علي نقشبندي رحہ گهنگ شريف. حضرت ابوالرضا سيد
حاڪم علي شاهہ نقشبندي رحہ. لاهور. حضرت حاجي عبدالرحمان
نقشبندي رحہ قصور. الحاج حافظ محمد ابراهيم شاه نقشبندي رحہ.

Scanned with CamScanner

حضرت شاه محمد محدث فقيه الهند خطيب ۽ امام دهلي مسجد (1807ع کان پوءِ صاحبزادو ميان مولانا محمد سعيد ۽ صاحبزادو ميان احمد سعيد رحہ. حضرت شاه محمد جا فرزند). حضرت مولانا حڪيم عبدالمجيد رحہ. حضرت مولانا عبدالرشيد رحہ. حضرت مولانا قاري حبيب الله رحہ. حضرت مولانا شاه محمد رڪن الدين رحہ. الور شريف يارت. حضرت مولانا امام عبدالغفور رحہ. حضرت مولانا حافظ قمرالدين رحہ.

حضرت مولانا شاه محمد رڪن الدين الوري رحہ جن جو فرزند ۽ خليفہ مجاز حضرت علامہ محمد محمود صاحب الوري رحہ برصغير جي ورهاڱي بعد حيدرآباد سنڌ ۾ اچي رهيو. فيض جو سلسلو جاري رکيائين. سندس مدفن راجپوتانا اسپتال جي نزديڪ آهي. ڪانئن پوءِ سندن فرزند صاحبزادو ميان محمد زبير ان خانوادي جي فيض کي حيدرآباد ۾ رڪن الاسلام جي نالي درسگاه وسيلي هلائيندو پيو اچي ۽ درگاه لواري شريف سان پنهنجو مسلڪ ڳنڍيو پيو اچي.

حضرت سيد محمد اسماعيل شاه ڪرمان والي رحہ کان پوءِ سندس جانشين سيد محمد علي شاه رحہ ٿيو. جيڪو سندن وڏو فرزند هو. ان بعد سيد محمد علي شاه صاحب جو فرزند سيد غضنفر علي شاه گاديءَ تي ويٺو. هنن صاحبن سنت توڙي سلسلي نقشبنديہ جي سچي چمار تبليغ ڪئي. پنهنجي پيرخانہ سان حد کان وڌيڪ محبت هين. (1)

حضرت سيد نورالحسن شاه بخاري ڪليان والي رحہ بن سيد غلام علي شاه رحہ ظاهري تعليم جي تحصيل ڪري، طريقت ۾ پير پاتو. سندن بيعت حضرت ميان شير محمد شرق پوريءَ سان ٿي. ڪانئن پوءِ سندن فرزند سيد باقر علي شاه گادي نشين ٿيو.

سيد نورالحسن شاه جا خليفا تمام گهڻا هوا جن برصغير ۾ هن طريقت جو فيض پکيڙيو. انهن مان مشهور هي آهن:

---

(1)علامہ عالم فقيري تذڪره اولياء پاڪستان اردو دوم ص 358 ۽ ص 364

حضرت مولانا سيد جلال الدين شاھ باني و مهتمم جامعہ محمديہ اصغريہ پڪي شريف، حضرت مولانا محمد نواز صدر مذڪوره مدرسہ. حضرت مولانا سيد منصور شاھ مدرس جامعہ رضويہ لائل پور (فيصل آباد)، حضرت مولانا سيد منير حسين شاھ جو ڪالوي.

هن درگاه جي فيض جي درياھ مان ڪيترا واھڙ وهي هليا، جن پڻ روحاني دنيا ۽ دلين جي شادابيءَ لاءِ گهڻو ڪم ڪيو. حضرت ابوالرضا سيد حاڪم علي شاھ بن سيد شهاب الدين شاه ولادت 1297ھ موضع ڪوٽلي شريف ضلع گجرانوالہ ۽ وصال 10 ذوالحج 1360ھ ملتان روڊ نزد پڪي ٺٽي) ڪرامت جا صاحب پڻ هن طريقي سان واڳيل هئا. پاڻ هميشہ استغراق ۾ رهندڙ هئا شاعر، عابد، صابر ۽ رضاتي راضي رهندڙ هئا. (1)

هاڻي سنڌ اندر هن درگاه جي فيض جي پالوٽ جو ذڪر خير ڪجي ٿو.

سنڌ اندر سندن يعنٰي حضرت قاضي احمد رحہ جن جا خليفا هي ٿيا:

1) علامہ حافظ سيد ميان نور محمد شاھ ڪنڊائي رحہ جنهن جا ٻہ خليفا ٿيا:

2) خليفو محمد عيسيٰ ڪيريو ۽ ڏينگو، ضلع نوشهرو فيروز، تعلقو پريا.

3) مخدوم عبدالواحد پڪي ڏٺي پپري تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز

4) علامہ عبدالڪريم پينگهارو، تعلقو هالا، نزد سعيد آباد، ضلع حيدرآباد.

5) مخدوم عبدالمعالي، ڏيرو، تعلقو ڪنڊيارو، ضلع نوشهرو فيروز

خليفي محمد عيسيٰ رحہ جي اولاد مان ڪيترائي صاحب ولايت ۽ ڪاني ڪرامت جا صاحب ٿيا. جن مان خليفو ميان علي محمد، خليفو ميان الهڏنہ وڏي رجوعات جا صاحب هوا ۽ انهن جو توصل سان الھ

Scanned with CamScanner

جياريو فقير سهتو بهلائي، علي فقير ڏکڻ بهلائي، قاضي پير بخش، خانواهڻ ۽ حاجي فقير چنو، خانواهڻ وارا مريد ٿيا. حاجي فقير چنو جي معرفت مستري محمد حسن خاصخيلي، ميهڙ وارو درگاهه لواري شريف جو پانڌيئڙو ۽ مريد ٿيو. وري ان جي محبت سان درويش غلام شبير پيو، هگورجن وارو لواري شريف جي جماعت ۾ داخل ٿيو. اڻ پڙهيل هوندي بہ پنهنجي مرشدن جي ساراهہ ۾ تمام گهڻا ۽ پيچيده قصائد شريف چيا آهن.

مخدوم عبدالواحد رحہ پکي ڏٿي جي فيض سان پڻ ڪيترائي واصل باالله ٿيا. سندن اولاد مان مخدوم غلام صديق، مخدوم غلام محمد، مخدوم غلام نبي رحہ مشهور معروف ٿيا.

ميوو فقير چانڊيو ويٺل بهادرپور نزد خيرپور ناٿن شاهہ پڻ هن خانقاهہ مان فيض ور ٿيو. ان جي صحبت سان حضرت خواجہ محمد فقير گاڏهي عليہ رحمت درگاه لواري شريف جي سجاده نشين حضرت خواجہ محمد سعيد قدس سره جن جي بيعت ڪري سلسلي نقشبنديہ جو شيخ بڻجي ويو. خواجہ صاحب رحہ جن جو تصوف ۾ اهم ۽ اعليٰ مقام آهي. هن جي وسيلي سان درگاه لواري شريف جي جماعت ۾ گهڻا ئي شخص شامل ٿي ويا. انهن مان مکيہ هي آهن: حاجي محمد سليمان فقير ڦرڙو (مؤلف جو والد بزرگوار) ڪريمداد فقير گاڏهي (منڌرا نزد ڏوڪري) عبدالرحيم فقير جمالي (ڪاڇو) هوت فقير جمالي (ڪاڇو)، ڪرم فقير لغاري، سومرو فقير، سيد ڪاڇل شاهہ (نزد موهن جو دڙو)، جيئو فقير (ڪارائي) سليمان فقير ويسر (موهن جو دڙو).

راقم جي والد بزرگوار جي صحبت سان ڦرڙا خاندان جا اڪثر ڪري سڀ شخص درگاه لواري شريف جا پانڌيئڙا ۽ معتقد ۽ مريد ٿي ويا.

خليفي محمد عيسيٰ رحہ ڊينگو شريف وارن جو اهو مقام آهي، جو سندس مرشد نور محمد شاهہ رحہ کيس ڪيترائي منظوم خط لکيا آهن، جن ۾ هر خط ۾ کيس لکي ٿو تہ هن عاصي لاءِ اوهان دعا گهرو.

حضرت خواجہ ميان نور محمد شاهہ رحہ ڳوٺ ڪاهي ڪنڊيا تعلقو

نوشهرو فيروز ۾ چاوا. ظاهري توڙي باطني علوم حضرت قاضي احمد جن وٽان پرايائين، قرآن شريف جو حافظ بہ هو. ڪيترائي ڪتاب سنڌي زبان ۾ منظوم لکيا اٿس. جن مان رباني العارفين تصوف ۾ اهم مقام رکي ٿو. مڪتوبات ڪنڌائي پڻ سنڌي ادب ۽ تصوف ۾ وڏو مرتبو رکي ٿو، سيئي مڪتوب منظوم آهن، راقم کي سندس چوويهہ خط دستياب ٿيا آهن. جيڪي پنهنجي خليفہ مجاز محمد عيسيٰ ڪيريو ڏانهن لکيا اٿن، حضرت قاضي احمد رحہ جن وٽ نواب ولي محمد ڪان پنڌ ويندو هو ۽ وٽ تان ڪاٺين جي ڀري ڪٽي وٺي پهچائيندو هو. حضرت قاضي احمد رحہ جن جي وصال بعد سندن جانشين وٽ پڻ ايندو رهندو هو.

ميان نور محمد شاه سنڌي ۽ فارسيءَ جو شاعر هو. سندس مقبرو آباڻي ڳوٺ ۾ عام زيارتگاهہ آهي. حضرت قاضي احمد عليہ رحمت جن جي مريدن ۽ معتقدن جو ڪاٿو ڪرڻ مشڪل آهي. ڪن روايتن ۾ ملي ٿو تہ چانڊڪا پرڳڻي ڪي ۽ ميل ملڪ ۾ پڻ چيو ويندو آهي. ميل ملڪ ۾ لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعن جا خاص حصا اچي وڃن ٿا. اتان جا اڪثر زميندار حضرت قاضي احمد رحہ ۽ سندن گادي نشينن جا مريد ۽ معتقد هئا. ان حوالي سان ڪين ميل وارن جا پير يا ميلائي پير ڪري سڏيو ويو. انهن زميندارن ۾ وڏيرو سچل انڙ، وڏيرو محمد خان ٻرڙو، وڏيرو عبدالمجيد ڀگهيو، سيد علي مراد شاه، مولوي محمد صديق سيتائي، محمد فقير ڏيرو، جا نالا درگاه ميل شريف جي مريدن ۽ معتقدن ۾ شامل آهن.

هالائي شهر جو سيد فتح علي شاهہ لکياري، جيڪو خيرپور رياست ۾ نائب وزيراعظم هو. سو پڻ حضرت قاضي احمد رحہ جن جو صادق مريد هو. شاه صاحب جا خط درگاهہ تي ڏنا ويا آهن. جن ۾ تمام نهٺائي ۽ نماڻائي سان پنهنجو نالو لکندو رهيو آهي. دعا خواهي لاءِ ڪيترا ڀيرا درگاه ميل شريف تي حاضري ڀري اٿس. سندس فرزند سيد غلام حسين شاه ۽ سيد شهاب الدين شاه پڻ هن درگاه جي گاديسرن سان ارادتمندي رکندا هئا. درگاه جي گادي نشينن ۽ سيد فتح علي شاه جي اولاد جو اڄ تائين پاڻ ۾ گهاٽو سبنڌ آهي. هن وقت سيد سڳوري جي

Scanned with CamScanner

اولاد .سيد منظور حسين شاه ايم پي اي آهي، جنهن سان درگاهه شريف جي گادي نشين جو گهرو تعلق آهي.

سيتا جي سيدن جي مريدي تہ مثالي آهي، زماني جي سيني نعمتن کان مالامال آهن تاهم بہ درگاہ تي پٽ تي ويهڻ ۽ تڏي تي سمهڻ کي وڏي ترجيح ڏيندا رهيا آهن. سيد محمد راضي شاهه توڙي سندس فرزند درگاهه ميل شريف جي خدمت ۾ هميشہ پيش پيش رهيا آهن.

مولوي محمد صديق سيتائي جنهن کي استاد العلماءِ سڏيو ويو ٿو، اهو بہ درگاہ ميل شريف جو مريد هو. سندس فرزند مولوي عبدالرزاق ۽ مولوي عبدالقادر پڻ درگاہ ميل شريف سان اڻٽوٽ محبت رکندا هئا. مولوي عبدالرزاق رحہ ٻڌائيندو هو تہ ڀاسان جي والد کي دل ۾ وسوسو پيو تہ اولياءَ الله تي موت تہ اچي ٿو، پر الله پاڪ فرمائي ٿو تہ اهي جيئرا آهن. ايئن ڪيئن ٿيندو؟ ۽ سو جڏهن ميان صادق صاحب اول جن وصيت ڪئي هئي تہ اسان کي غسل اڪيلو مولوي محمد صديق کان ڏيارجو. سندن وصال تي ڪيس گهرايو ويو ۽ غسل واري وصيت ٻڌائي وئي مولوي منجهي پيو، پر حڪم موجب جڏهن پردو ڏيئي مولوي کي اندر ڇڏيو ويو. تہ مولوي وائڙو ٿي ويو جو ميان صاحب جن ويهي رهيا ۽ چيائونس مولوي وضو ڪراءِ.

خان بهادر امام بخش خان جتوئي تعلقي موري وارو، درگاهه قاضي احمد رحہ جي خاص معتقدن منجهان هو. روايت آهي تہ جڏهن حضرت پير ميان محمد شفيع رحہ جن جي بنگلي جي تعمير ٿي رهي هئي تہ خان بهادر صاحب پنهنجي پاران ان بنگلہ جا دروازه ٺهرائي اتي نصب ڪرايا هئا. جيڪي اڄ بہ سندس يادگار طور اتي لڳل آهن.

محمد يامين قريشي عرب مان حضرت قاضي احمد قدس سره جن سان گڏ آيو. سندس اولاد تگرائي، ڏيپارجا ۽ جتوئين وارا قاضي آهن.

خليفي محمد عيسيٰ ڪيريو ڊينگي وارن جي اولاد مان ميان علي محمد حال جو صاحب هو. هو مريدن ۾ دعوت تي ڏيون ڳوٺ نزد ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ آيو، اتفاً سندن اوچتو وصال اتي ٿي پيو، مريدن

معتقدن کي جيئن خبر پيئي اچي گڏ ٿيا. هڪڙو ماڻهو ڏينگي شريف اطلاع لاءِ روانو ڪيائون. ٻين خليفي جي جسد مبارڪ کي ڪڻ تي ڪنيو، ٿورو پنڌ هليا ته خليفي صاحب جي جسم مبارڪ مان ءِالله الله ءِ جا نعرا شروع ٿيا. ماڻهن ۾ چوٻول پئجي ويو ته خليفو صاحب زنده آهي، ڪڻ کي هيٺ لاهي منهن مبارڪ ڏسن ته الله جي حڪم تي لبيڪ چئي صبر ۾ ۽ سڪوت ۾ آهن. اهڙي حالت رستي ۾ ڏهه ٻارهن ڀيرا ٿي.

ڀلاڙي تعلقو ڪنڊيارو ۾ الهه جياريو فقير سهتو ڏينگي وارن خليفن جو طالب هو. ان لاءِ مشهور آهي ته قلندري مشرب وارو هو، مراقبو ڪري ويهندو هو ته جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو هيس، هڪ ڀيري سندس وصال کان پوءِ چورن سندس پٽ جون مينهون اچي ڪاهيون، شهر کان ٻاهر نڪتا ته فقير لٺ کڻي اڳيان ڦري آين ۽ چور ڊهلجي ويا، مينهون موٽائي گهر اچي ڇڏيائين.

Scanned with CamScanner

ابا ڏاڏا

حضرت راحمي بادشاهه پير حاجي فيض محمد قريشي قدس سره نسبي طرح هاشمي قريشي هئا. سندن وڏن مان ڪيئي نالي وارا اولياءَ الله ٿي گذريا آهن. جن ۾ حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن جي جليل القدر خليفي حضرت قاضي احمد رحه جن جو مٽ ثاني ملڻ ممڪن ناهي، پاڻ حضرت قاضي احمد رحه جي درگاهه جا ناوان سجاده نشين هئا.

سندن وڏا اسلامي تعليم ۽ تبليغ واسطي سنڌ ۾ ٺلٽي جي شهر ۾ اچي رهيا. ظاهري علوم لاءِ مدرسي سان گڏ روحاني سڪيا لاءِ خانقاهه پڻ قائم ڪيائون. جتان برصغير ۾ ڪلمته الحق جو فيض جاري رهيو. سندن پرهيزگاري، عبادت ۽ رياضت ڪي ڏسي، خدا جي مخلوق وٽن فيض ۽ توجهه لاءِ اڪيلائي ۽ ٽولن ۾ ايندي رهي. روايتن ۾ ملي ٿو ته جنن جا ٽولا پڻ وٽن تعليم جي حاصلات لاءِ ايندا رهندا هئا.

حضرت جن جو خاندان علم توڙي عرفان ۾ لاثاني رهيو آهي. هن خاندان مان خواجه احمد سنڌاٺي عليه رحمت وصال بعد ڪٽ اڏائي ٺلٽيءَ کان سيوهڻ پهتو. تذڪره مشائخ سيوستانءِ پارسي جو مؤلف عبدالغفور بن حيدر سيوستاني 1039هه ۾ هن طرح لکيو آهي:

ولي الله شيخ احمد سنڌاٺي رحه ٺلٽي ضلع دادو جو رهاڪو هو. پٽ ۽ مريد گهڻا هيس، وفات وقت سيني ڪي گهرائي وصيت هن ريت فرمايائين. وفات کانپوءِ غسل ۽ ڪفن ڏيئي ڪٽ تي سمهاري ڇڏي ڏجو. ۽ سندن وصال بعد وصيت جي پورائي ڪئي ويئي. ٿوري ساعت ۾ ڪٽ ۾ تحرڪ پيدا ٿيو ۽ آهستي آهستي ٿي ڪٽ هلڻ ۽ پوءِ اڏامڻ لڳي، هشام ماڻهن جا اچي گڏ ٿيا. عيد جو ٻه ڏينهن هو. جتان جتان

Scanned with CamScanner

ڪٽ جو اڏامڻ ٿيو، اتان جا ماڻهو ٻه ڪٽ جي پويان هلڻ لڳا. پيادل ۽ سوار سوين ماڻهو اهو نظارو ڏسندا رهيا. تان جو ڪٽ سيوهڻ شهر ۾ پهتي ۽ ميان ڇتو امراڻي رحه جي مزار جي نزديڪ هيٺ لٿي. سيوهڻ شهر جا ۽ پويان ايندڙ ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ جمع ٿي ويا. مڙني منهن مبارڪ جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو. آخر فيصلو اهو ٿيو ته جنهن جاءِ تي ڪٽ لٿي آهي اتي دفن ڪيو وڃي: نماز جنازي جي ادائگيءَ بعد انهيءَ جاءِ تي مزار مبارڪ ٺاهي ويئي، جڏهن مزار مبارڪ جي ڪم مان سڀ واندا ٿيا، تڏهن قبر مان اندران آواز آيو: ﴿رب انزلني منزلا مباركا وانت خيرالمنزلين.﴾

ترجمو: رب منهنجا مون کي تو مبارڪ جاءِ تي لاٿو آهي، بيشڪ تون سٺي منزل تي رسائڻ وارو آهين.

وڏيڪ لکيو اٿس ته ڇهون تا ته جيڪو جمع ڏينهن ختمو ۽ هديو ڪري ٿو ته ايندڙ جمع کان اڳ ان جو مقصد پورو ٿئي ٿو ۽ دلي دعائون قبول ٿين ٿيون. (1)

هن خاندان مان سنه 1117هه ۾ سيوهڻ جي نزد احمدن جي ڳوٺ ۾ خواجه محمد صديق جي حويلي ۾ هڪ فرزند نوراني ڇهري سان جنم ورتو، ان جو نالو مبارڪ ”احمد“ رکيو ويو. پاڻ ڄمندي ڄام هوا، مادرزاد ولي الله پڻ هئا. هن گهراڻي جي پرهيزگاري ۽ تقويٰ اظهر من الشمس هئي، خواجه صديق رحه جن جا سهسين طالب ۽ شاگرد ٿيا. پاڻ ٻه پنهنجي والد بزرگوار وٽ ظاهري توڙي باطني علوم پڙهي پرجهي پورا ڪيائون. سندن قادري طريقو هو. جيڪو پنهنجي والد بزرگوار کان اپنايو هين.

حضرت قاضي احمد رحه جن کي دستار فضيلت ان وقت جي وڏي ۾ وڏي درسگاهه لکي شاهه صدر ۾ عطا ٿين. علم جي تحصيل بعد قضا جي عهدي تي فائز رهيا ۽ عوام توڙي خواص ۾ قاضي جي نالي توڙي لقب سان مشهور ۽ معروف ٿيا. سنتئي پنهنجو اباڻو علائقو ڇڏي

(1) تصحيح تعليقات پير حسام الدين راشدي گهه سه ماهي مهران نمبر3 سال 1974ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

Scanned with CamScanner

درياهه جي ٻي پر ديهه دم، تعلقو مورو ۾ اچي رهيا. اتي مسجد، خانقاهه ۽ مدرسي سان گڏ رهائش جون جايون پڻ ٺهرايائون. ٿوري ئي وقت اندر وٽن ماڻهن جي وڏي رجوعات ٿي ويئي، دم ديهه جي ڪري هت دمائي پير مشهور ٿي ويا. سندن ٺهرايل جاين مان باقي مسجد جا نشان اڃا موجود آهن.

حضرت قاضي احمد جن جي لواري شريف اچڻ بابت روايت آهي ته پاڻ حج جي سفر جو سانباهو ڪري پيلي پار روانا ٿيا. انهن ڏينهن ۾ حج جي پنڌ دوران مانڊئي بندر وڃڻ لاءِ لواري شريف مان گذرڻو پوندو هو. حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن جي روحاني بصيرت جي هاڪ ملڪان ملڪ هئي ته حضرت قاضي احمد جن کي ڪامل مرشد وٽڻ جي تڙپ شديد هئي. پاڻ لواري شريف آيا ۽ حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن سان ملاقات ٿي ته حج جي سانباهي جو ذڪر خير ڪيائون. حضرت سلطان الاولياءُ جن ڪين فرمايو ته، ”حج جو ارادو به نيڪ ۽ سفر به نيڪ پر اهڙو ٿي وڃجي جو اڳيان ڪير سڃاڻي به.“ پوءِ حضرت جن حضرت قاضي احمد کي ٽي مهينا لواري شريف ۾ قيام ڪرڻ لاءِ چيو. پاڻ اتي ترسي پيا ۽ توجه ۽ ارشاد ورتائون ٽن ڏينهن اندر اهڙو باطني عروج ڪري ورتائون جو حضرت سلطان الاولياءُ ڪين ان بشارت سان حج جو سفر جاري رکڻ جي اجازت ڏني. ته ”عرب ملڪ ۾ ڪوبه اهڙو نه آهي. جنهن سان اوهين وڃي صحبت ڪريو.“

اهو به فرمايائون ته: يمن ۾ هڪ شخص آهي جنهن کي امانت حوالي ڪرڻي آهي. ان لاءِ مون کي وڃڻو هو. مگر هاڻ اوهين وڃي اها امانت وصول ڪجو. اهو شخص پاڻ اوهان وٽ هلي ايندو.

حج تي روانگي مهل حضرت قاضي احمد جن حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن کان پڇيو ته، مرشد ڪڏهن ٿو ڪم اچي؟ حضرت جن فرمايو، دنيا ۾، قبر ۾ ۽ حشر ۾.

حج جي سفر دوران حضرت قاضي احمد جن ٽن خاص واقعن جو ذڪر ڪيو:

سفر دوران سندن جهاز طوفان جي وٽ ۾ اچي ويو ۽ جهاز ٻڏڻ

جو خطرو ٽي پيو. پاڻ حضرت جن جو اهو مقولو ياد ڪيو ته، مرشد ڪم اچي تو دنيا ۾، قبر ۾ ۽ حشر ۾. لواري جي سرڪار ڪي باطني طرح سان متوجه ٿي عرض ڪيائون ته اک ڇنڀ ۾ جهاز تان آفت ٽري وئي. پيو ته جڏهن روضئه رسول مقبول صلي الله عليه واله وسلم تي پهتا ته ڪين آواز آيو. ميان احمد يلي ڪري آئين. اتي ڪي ماڻهو جن جا نالا احمد هئا، اتي بيٺا. وري به ساڳيو ئي آواز آيو ۽ بيا ڪي ماڻهو اتي بيٺا مگر پاڻ ماٺ ۾ رهيا. پوءِ ٽيهر آواز آيو ته، ميان احمد دمائي يلي ڪري آئين.۽ ان تي پاڻ سجاتائون ته هي اها نوازش آهي جنهن لاءِ ڪين حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره جن فرمايو هو ته، اهڙو تي ويجهي جو اڳيان ڪير سجاڻي.

ٽيون واقعو هن ريت آهي ته يمن ۾ جڏهن پاڻ حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره جن جي ڏنل ڏس تي هڪ مسجد شريف پهتا ته هڪ باريش بزرگ ساڻن ادب سان اچي مليو. ان اصرار ڪيو ته جمع جي نماز جو وقت ٽي چڪو آهي ۽ پاڻ امامت فرمائين. پاڻ ازروءِ ميزباني جي آداب جي امامت کان ڪيٻائيندا رهيا. مگر بزرگ جي اصرار تي امامت فرمايائون ۽ نماز کان فراغت بعد اهو بزرگ کين پنهنجي حجري ڏانهن وٺي هليو ۽ فرمايائين ته، مونکي اوهانکي امانت حوالي ڪرڻ جو حڪم آهي. توهين ٻي ڪمري ۾ ٽي ويهو ته آئون امانت منتقل ڪريان.۽ حضرت قاضي احمد جن فرمابو ته.اوهين مونکي سامهون ويهاري امانت حوالي ڪريو. ان تي هڪ حاضري واري خادم چيو ته، سندن امانت ۾ جلال آهي ۽ سامهون وهندڙ شخص کي باهه وٺي تي وڃي. تنهن هوندي به پاڻ آمهون سامهون وهڻ کي ترجيح ڏنائون. جڏهن امانت جي منتقلي ٽي ته سندن ساڄو گوڏو مبارڪ زمين کان متي ڪجهڻ لڳو. جنهن کي پاڻ هٿ سان زور ڏيئي هيٺ ڪري ڇڏيائون ۽ خير خوبي سان اها امانت ازروءِ حڪم مرشد وصول ڪيائون. ٻئي ڏينهن ان بزرگ وصال فرمايو ۽ سندن وصيت موجب پاڻ ان بزرگ جي جنازي نماز جي امامت فرمايائون پوءِ اڳتي روانا ٿيا.

هڪ پيري حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره جن کين اها بشارت

Scanned with CamScanner

ٻ ڏني ته هاڻ توهان جو شان اهو نه آهي ته توهين ڪنهن ٻي جي نالي واري ڳوٺ ۾ رهو بلڪ توهين پاڻ پنهنجي نالي پويان ڳوٺ ٻڌي اتي وڃي رهو. واپسي تي دم پرسان ميل واري ڊوري تي پنهنجي نالي پويان ڳوٺ ٻڌي اچي آباد ٿيا ۽ انهي نسبت جي ڪري هي درگاهه ميل شريف مشهور ۽ معروف ٿي وئي.

سنڌ جي حاڪم ميان غلام نبي ڪلهوڙي سندن شهرت، علميت ۽ نورانيت کان متاثر ٿي لاڪاڻ پرڳڻو جاگير طور سند لکي نذراني ۾ پيش ڪيو. مگر پاڻ اها جاگير قبول نه ڪيائون. ڇاڪاڻ ته سندن مرشدن ڪريمن جاگير قبول نه ڪئي هئي، اها پيروي ادا ڪيائون.

حضرت قاضي احمد رحه جن پنهنجو شجرو هن ريت لکيو آهي:

احمد بن محمد صديق بن عبداالسلام بن حاجي بن صالح بن صابر بن حاجي بن احمد بن محمد بن سلطان بن علاءالدين بن حاجي بن احمد بن شيخ المشائخ سندو بن آچ بن سائينه بن احمد بن ڪنڪن بن ڏيپار بن تارو بن قتال بن ڪوربن ناڪودر بن آنرراءَ بن پاريار بن برت بن عتبه بن ابواڪرم بن... بن عبدلمطلب بن هاشم بن عبدالمناف بن قصي بن ڪلاب.

منهنجي استاد علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جن هڪ حڪايت بيان ڪئي ته شيخ قاضي احمد دمائي عليه رحمت جن لواري شريف مان فيض وٺي ورڻ بعد جڏهن ڳوٺ پهتا ته انهن ڏينهن ۾ ڪو پير ڳوٺ جي ٻاهران اچي منزل انداز ٿيو. ماڻهن ۾ اهو چوبول ٿي ويو ته وقت جو قطب ڳوٺ کان ٻاهران اچي لٿو آهي، اها ڳالهه ڳوٺ جي زميندار جي محفل ۾ ٿيئي، انهيءَ تي اهو زميندار حضرت قاضي احمد رحه جن وٽ مجلس ۾ ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته. قبلا! ڳوٺ جي ٻاهران وقت جو قطب منزل انداز ٿيو آهي، هلو ته هلي سندس ملاقات ڪريون. انهي تي حضرت قاضي احمد رحه جن وراڻيو.

تارا اڇتا وڃتا، قطب ڪين قرن،
لواريءَ سندا لاڏلا، ويني رب ڏسن،
پير گهر پير نه وڃتا، گهران ٻه ڪين گهرن.

سندن وصال 1223ھ مطابق 1808ع ۾ ٿيو.

حضرت مخدوم پير محمد صالح رحہ بن مخدوم الاولياءُ حضرت قاضي احمد رحہ

سندن ولادت 1201ھ مطابق 1787ع دم شريف ۾ ٿي. پاڻ ابتدائي تعليم توڙي اعليٰ تعليم سان گڏ روحانيت جي سکيا پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي. جوانيءَ ۾ ئي روحانيت جو توڙي ظاهري علوم جو امام سڏيو ويندو هو. نقشبندي سلسلي جو سچو پوئلڳ هو. پاڻ کي گهٽ لڪائيندو هو. جيئن خلق کيس پير ڪري نہ سمجهي. ملهہ جو وڏو شوق ٿي پيو ۽ پنهنجي وقت جي وڏن ۽ سٺن ملهن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. هوڪو ڏياري ملهہ وڙهندو هو. ڪنهن بہ کيس ڪڏهن بہ ملهہ ڪانہ ماري. پر جنهن کي پاڻ ملهہ ۾ جيترو ڏک ڏيندا هئا. اوترو ئي روحانيت وارو فيض ان وقت ڏئي ڇڏيندا هئا. حضرت قاضي احمد رحہ جن جي وصال بعد گاديءَ تي جلوه افروز ٿيا. پر پوءِ بہ سندن ظاهر زهر قاتل جهڙو هوندو هو. باطن ۾ وڏي رجوعات رکندڙ هئا. اها حڪايت ميان نور محمد شاه ڪنڊائي رحہ جن کي رسي ڏاڍو غمگين ٿي وٽن حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ مون وٽ جيڪا امانت وڏن سائين جن وٽان عنايت ٿيل آهي. اها سڀ توهان کي واپس ڪريان ٿو. مهرباني ڪري اها امانت قبول فرمايو ۽ ملهہ وغيره جا ڪرتب ڇڏي ڏيو. ان تي حضرت پير ميان محمد صالح رحہ جن فرمايو تہ ڀتو وٽ جيڪا امانت آهي. سا پلي اسان کي ڏيءِ. جڏهن سيد نور محمد شاه رحہ اها امانت ڏيئي بس ڪئي. تڏهن پاڻ کيس فرمايائون تہ ڀشاه صاحب! اوهان کي شاباس هجي. پرهاڻي ايتري امانت سڄي زندگي هر روز وٺندو رهہ. باقي جيڪا امانت اوهان وٽ هئي. اها تہ جڏهن آءٌ پينگهي ۾ هوندو هيس تہ مون وٽ هئي. ۽ حضرت پير ميان محمد صالح رحہ جن جو وصال 1232ھ مطابق 1817ع ٿيو ۽ کين سندن والد بزرگوار جي پاسي ۾ جاءِ ڏني ويئي. کين بہ پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي. ٻيئي صاحب ولايت ٿيا. پڻ

Scanned with CamScanner

ارشاد وارا تيا. جيڪي صالحاتون حق جي طلب لاءِ اينديون هيون، تن کي اها بيبي صاحبه تلقين ۽ توجهه ڪندي هئي. ڪين ڄڏا صاحبءَ ڪري سڏيو ويندو هو، پاڻ فارسي ۽ عربي توڙي سنڌي جا باڪمال شاعر هئا. پڻ نثر ۾ به ڪافي لکيو اٿن. جنهن ۾ مشهور نسخو ءِتذڪره بزرگان دمائيءِ وڏي اهميت جو حامل آهي. هن ۾ حضرت قاضي احمد رحه توڙي سندن اسلاف جي بزرگن جو تذڪرو آهي.

ڪانئن پوءِ سندن وڏو فرزند حضرت پير ميان عبدالواحد رحه مسند ارشاد تي جلوه افروز تيا.

حضرت پير ميان عبدالواحد رحه

پاڻ قاضي احمد شهر ۾ ڄاوا. شروعاتي تعليم پنهنجي والد شريف کان ورتائون. مٿانهين يا اعليٰ تعليم مولانا ميان محمد امين صاحب کان حاصل ڪيائون. جيڪو درگاه رتڙ ڇتڙ ضلع گرداس پور (انديا) جو هو. جيڪو وقت جو وڏو علامه ۽ خاذق حڪيم هو.

والد جي وفات بعد پاڻ درگاه لواري شريف جي گادي نشين حضرت خواجه محمد زمان ثاني قدس سره جن وٽ وڏيڪ روحاني فيض لاءِ حاضر تيا. جتان ڪين ارشاد جي اجازت ۽ حضرت قاضي احمد رحه جن جي مسند شريف تي ويهڻ جي اجازت مرحمت تي. پاڻ عبادت توڙي رياضت وڏي چاهه سان رات ڏينهن ڪندا رهندا هئا. اڪثر مصلي تي ويهي يا بيهي عبادت ڪندا هئا. سندن پيرن ۽ گوڏن جي جاين تان مصلو گسي ويندو هو ۽ بيو مصلو ڪم آڻيندا هئا. ڪيترائي مصلا انهيءَ حالت ۾ درگاه تي تبرڪ طور رکيل آهن ان ڪري ڪين مصلي وارا سائين پڻ چيو ويندو آهي.

حضرت عبدالواحد رحه جن جو وصال قاضي احمد ۾ تيو ته ڪين روضه مبارڪ ۾ جاءِ ڏني ويئي. ڪين هڪ فرزند هيو. جيڪو سندن وصال وقت صغير هو ان ڪري سندن جاءِ تي سندن ڀاءُ حضرت پير ميان نورالله صاحب جن کي ويهاريو ويو.

Scanned with CamScanner

حضرت پير ميان نورالله رحه

پاڻ حضرت ميان محمد صالح رحه جا ننڍا فرزند هئا. پاڻ ديني تعليم مولانا محمد امين رحه کان ورتائون. سلوڪ جون منزلون پهريائين پنهنجي والد بزرگوار ۽ پوءِ وڏي ڀاءُ جي نگرانيءَ ۾ طئي ڪيائون. مسلسل مجاهدو ۽ سخت رياضت ڪندا هئا. ساري رات عبادت الاهيءَ ۾ بسر ڪندا هئا. ننڊ اصل نہ ڪندا هئا.

سندن ديدار سان طالبن جا قلب ذڪر الاهيءَ ۾ جاري ٿي ويندا هئا. سندن وصال 1295ھ ۾ ٿيو. روضي مبارڪ ۾ آرامي ٿيا. کين چار فرزند هئا: حضرت ميان محمد علي محمد سليمان، ميان محمد شفيع رحه، ميان محمد دائود.

پير ميان محمد صديق رحه

حضرت پير ميان عبدالواحد رحه جا فرزند هوا. پاڻ صغير هوا تہ سندن والد سڳورو وصال ڪري ويو. گاديءَ تي لواري شريف مان آيل حڪم تحت ميان نورالله رحه ويٺو. جڏهن پير ميان محمد صديق رحه جن وڏا ٿيا ۽ منجهن ولايت جي ڪمال ظهور ڪيو، تڏهن سندن چاچي ميان نورالله کين چيو تہ ڀهاڻ وڏن جي دستار مبارڪ سر تي رکو ۽ گادي سنڀاليو، ڀان تي پاڻ انڪار ڪيائون، جنهن تي کين لواري شريف وڃڻ لاءِ چيائون. ان وقت لواري شريف جي مسند شريف تي حضرت خواجہ محمد حسن قطب ڪبير مهاجر مدني قدس سره جلوه افروز هئا. جڏهن اتي حضور شريف ۾ پهتا، تڏهن مرشد ڪريمن کين فرمايو تہ ڀحضرت قاضي احمد رحه جي مسند تي وڃي ڪم ڪيو، ۽ اتي انڪار ڪري نہ سگهيا. روضۂ شريف حضرت سلطان الاولياءُ قدس سرہ جن جي تي دعا گهريائون تہ ڳوٺ جيئرو نہ پهچان. ٿيو ايئن جو مٽيارين ۾ پهتا تہ سندن وصال ٿيو. سندن ڪٽ اڏامندي آئي ۽ قاضي احمد ۾ پهتي، جتي کين جاءِ ڏني ويئي.

Scanned with CamScanner

حضرت ميان محمد علي رحہ

حضرت پير نورالله رحہ جا فرزند ۽ خليفا هوا. سندن مسند تي وينا. مگر صرف ٽن سالن اندر يعني 1298ھ مطابق 1881ع ۾ وصال فرمايائون. سندن مزار مبارڪ روضۂ شريف جي اڳيان موجود آهي.

حضرت پير ميان محمد شفيع رحہ

سندن ولادت باسعادت 1266ھ مطابق 1851ع جي قاضي احمد ۾ ٿي، تعليم وقت جي وڏي علامہ محمد صادق گڇيرائي وٽ حاصل ڪيائون. روحاني تعليم ۽ سکيا پنهنجي والد بزرگ کان ورتائون ۽ تڪميل حضرت خواجہ محمد سعيد امام الاولياءَ قدس سره. درگاه معليٰ مڪان پاڪ لواري شريف جي پنجين سجاده نشين جي نظر فيض اثر سان ڪيائون. پاڻ حلم، لطف ۽ سخا جا صاحب هئا. شريعت جي پابندي ۽ تقويٰ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. طريقت، حقيقت توڙي معرفت جي مڙني مقامات ۽ عرفان ۽ آگهي جا واقف هوا. ضعيفي سبب آخرين ڏينهن ۾ بن ماڻهن جي سهاري ڪانسواءِ هلي نہ سگهندا هئا. هڪ لڳا خادمن ڏٺو تہ مخدوم صاحب جن ڪٿ تي موجود نہ آهن، پريشان ٿي ويا ۽ حويلي تان بہ پڇا ڪرايائون، مگر اتي بہ ڪونہ هئا. انهيءَ ويچارن ۾ هئا، تہ ڏٺائون تہ پاڻ ٻاهران بنا سهاري جي خوشي مان پيا اچن. خادمن جي پڇا تي وراڻيائون تہ ؏حضور پر نور نبي ڪريم صلي الله عليہ والہ وسلم جن عيادت لاءِ ۽ دعا واسطي جسم سان تشريف فرما هئا. سندن آداب ۽ غلاميءَ جي حق ادائي واسطي ساڻن چند قدم ٻاهر موڪلائڻ لاءِ وڃڻ ٿيو.

سندن خانداني مريد ۽ ذاتي معتقد تمام گهڻا هئا. پاڻ 51 ورهين جي ڄمار ۾ وصال ڪيائون. پنهنجي روحاني امانت، پنهنجي فرزند ارجمند مخدوم ميان محمد صادق اول رحہ جن جي سپرد ڪيائون.

ميهڙ جو رئيس شمس الدين بلبل سندن مداحن ۽ دعوتين ۾

Scanned with CamScanner

شمار ڪيل آهي. پاڻ ٻه ڀيرا حج پڻ ادا ڪيائون. سندن وصال 1317هه مطابق 1899ع ۾ ٿيو. سندن وصال تي، حضرت خواجه احمد زمان قدس سره ڇهون سجاده نشين درگاهه لواري شريف هن طرح لکيو:

رب لايزال وٽ مقبول منهنجو دوست وفات ڪري ويو آهي، ان اهل تقا ۽ صاحب ڪمال جو اسم محمد شفيع آهي. احمد زمان ذڪ ۽ فڪر ۾ آهي ۽ تعزيت طور سندن وصال تي فاتحه ڪري ٿو.۽

کين ست فرزند هئا حضرت پير محمد صادق رحه، پير فيض محمد، حضرت پير ميان پير محمد، پير عبيدالله، پير عبدالرحمان، پير عبدالله، پير محمد بخش ڪائن بعد حضرت محمد صادق گادي نشين ٿيا.

حضرت پير ميان محمد صادق رحه (اول)

سندن جنم مبارڪ ڀونءِ ڀلاري قاضي احمد ۾ سال 1299هه مطابق 1882ع ۾ ٿيو. سندن تعليم لاءِ مولانا محمد صديق بختيار پوري رحه نزد سيوهڻ مقرر ڪيو ويو. روحاني تعليم پنهنجي والد بزرگوار ۽ آخر ۾ حضرت خواجه محمد سعيد امام الاولياءَ قدس سره جن ڪان ملين. پڻ تجديد بيعت حضرت خواجه احمد زمان سائين جن صاحب ڪل لوا قدس سره سان ڪيائون.

حضرت جن شب خيز عابد ۽ زاهد هئا. تصوف جا پڻ علمبردار هئا. تهجد ۽ اشراق ٻه زندگيءَ ۾ قضا ڪونه ڪيائون.

سندن وصال 1338هه مطابق 1917ع ۾ قاضي احمد شهر ۾ ٿيو. کين روضه مبارڪ ۾ جانشين ڪيو ويو. کين ٻه فرزند هئا. هڪ پير ميان جيئندل ۽ ٻيو پير ميان محمد انور. جن سندن جي زندگيءَ ۾ وفات ڪئي.

مخدوم ميان محمد صادق اول شريعت طريقت، حقيقت ۽ معرفت ۾ ڪامل اڪمل هئا. فرض عبادات ڪان پوءِ تمام گهڻا نفل ادا ڪندا هئا. فنائيت ۾ وڏو مرتبو رکندا هئا. تمام گهڻي خلق کي فيض رسائيائون. کين فيض ۽ توجهه حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره ۽

Scanned with CamScanner

حضرت شهنشاه امام العارفين احمد زمان صاحب لواءِ ڪل ڪان پڻ خلافت عطا ٿين. سندن مريدن جو تمام وسيع هو. خصوصن دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪو زميندار يا خاندان ورلي سندن مريدي کان ٻاهر هو. انڙ، ٽيبا، ٻگهيہ، ٻرڙا، ڏيرا، ڀٽا، سيد، سولنگي، گاڏهي، چانڊيا سڀ سندن مريد چوائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. خانبهادر امام بخش خان جتوئي تہ سندن سچو عاشق هو سندن علاج لاءِ وڏيرو سچل انڙ لاڙڪاڻي مان انگريز ڊاڪٽر وٺي آيو. روايتن ۾ ملي ٿو تہ جڏهن سچل انڙ کي سندن وصال جي خبر پئي تہ ڏک برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ ڳالهہ ٻڌڻ سان الله اڪبر چئي وصال ڪيائين(1)

مخدوم صاحب پنهنجي امانت پنهنجي پاڻ حضرت پير ميان پير محمد رحہ جن جي حوالي ڪئي.

حضرت پير ميان پير محمد رحہ (اول)

پاڻ قاضي احمد ۾ هن دنيا ۾ آيا. سندن ولادت رمضان شريف سال 1304هہ مطابق جون 1887ع ۾ ٿي. پاڻ ڄمندي ئي ڄام هئا. رمضان شريف ۾ ڏينهن جو ڪڏهن بہ ٿڃ نہ ورتائون. پاڻ ظاهري تعليم علامہ پير بخش کان حاصل ڪيائون. جيڪو مولوي محمد صديق جو شاگرد هو. پاڻ روحاني سکيا ۽ فيض حضرت پير خواجہ محمد سعيد قدس سره جن کان حاصل ڪيائون. پير ميان محمد صادق جي وصال بعد پير ميان پير محمد صاحب مسند حضرت قاضي احمد رحہ کي فائز ٿيا سندن وصال تي درگاه لواري شريف جي گادي نشين خواجہ احمد زمان قدس سره جن هڪ دکدائڪ خط موڪليو هو. جنهن جو اختصار هن ريت آهي: (هي مڪتوب پير ميان پير محمد رحہ جن ڏانهن لکيل آهي: ءِسلطان الاولياءُ خاتم الولايت وسيلي منهنجي ۽ وسيلي تنهنجي توکي برحق جانشين مخدوم حاجي احمد صاحب عليہ رحمت والرضوان جو ڪيو آهي، شڪر ڪر. شڪر ۽ سجده قلب سان ۽ جسم سان. انهيءَ ذوالجلال

(1) روايت راقم کي حضرت راحمي بادشاهہ قدس سره جن ٻڌائي، هئي

Scanned with CamScanner

والاڪرام ڪي جنهن هي زمين ۽ آسمان خلقيا آهن، شڪرانه ڪر جو توکي اي پياءُ منهنجا درجي خلافت جماعت ناجيہ طرفان بارگاہ عطا ڪنڌ انوار حبيب سلطان الاولياءَ جي عطا ٿيو آهي، انهيءَ عطا تيڻ درجي خلافت جماعت سلطان الاولياءَ جي طرفان احمد زمان جي توکي مبارڪ هجي. ٻيو تہ اي پياءُ منهنجا! اي صديق منهنجا! هن ڪانپوءِ جيڪو طالب حق تبارڪ و تعاليٰ و جل اعليٰ جو طريقي پاڪ ۾ داخل ٿيڻ منجهہ طريقي پاڪ سلطان الاولياءُ، تو وٽ اچي تہ ان کي فرمان عالي موجب سندس طريقي عالي ۾ داخل ڪجان، ڇو تہ خلافت توکي اي پياءُ منهنجا! اي صديق منهنجا! سر زمين مقدس لواري شريف تان بخشيش ڪئي اٿن. پوءِ شڪرانو آهي، ان لاءِ جبو سائو ريشمي عالم ظاهر جي ۽ دستار ۽ تسبيح توڏي. اي صديق منهنجا! موڪليان ٿو ۽ جبو خلافت روحاني جو سائين سلطان الاولياءُ خاتم الولايت عنقريب انشاءَ الله توکي پارائيندو. جو ڇٺو ڇٺو ڏسندين. نالو تنهنجو خليفہ جماعت الناجيہ ڪري لکي ڇڏيو اٿن.۽

حضرت جن کي پنهنجي مرشد ڪريمن سان والهانہ محبت ۽ سچو عشق هو. جڏهن بہ سندن مجلس ۾ حضرت احمد زمان سائين جن جو اسم مبارڪ ورتو ويندو هو تہ مٿن وجد طاري ٿي ويندو هو ۽ حق برحق جا نعرا هڻندا هئا.

حضرت جن کي مرشد ڪريمن لاءِ ايتري محبت هئي تہ مرشدن ڪريمن جي طرفان بہ مٿن نوازشن، بخششن ۽ انعامن جي بارش هر وقت جاري ۽ ساري رهندي آئي. جنهن بہ شخص کي مرشدن ڪريمن لاءِ محبت هوندي هئي تہ پاڻ ان کي وڏو مان ڏيندا هيا، مگر جنهن درگاهہ لواري شريف سان عداوات رکي تہ پاڻ ان سان قطع تعلقات ۽ عداوت رکندا هئا.

حضرت خواجہ احمد زمان قدس سره جن جي وصال بعد جڏهن مرشدن قبلہ پير بادشاہ ڪريم گل حسن شاہ قدس سره جن جي دستاربندي ٿي تہ ميان پير محمد صاحب رحہ جن کي پاڻ فرمايائون تہ ۽ تہ دعا شريف پڙهو۽.

پاڻ 71 سالن جي ڄمار ۾ 6 شعبان المعظم 1375ھ مطابق مارچ 1954ع ۾ وصال فرمايائون. سندن مزار مبارڪ روضي شريف جي دروازي پاڪ جي اندران مرجع خلائق آهي.

سندن وقت ۾ درگاھ معليٰ مڪان پاڪ لواري شريف جي سجاده نشين خواجہ احمد زمان قدس سره جن ڪل بني آدم کي حق جي دعوت ڏئي، امن، ايمان ۽ صراط المستقيم لاءِ سڏيو. پاڻ ڪل جو جهنڊو پڻ چاڙهيو علماءَ سوءِ اُن جي سخت مخالفت ڪئي، پڻ سندن ظاهري رشتيدارن سندن ناماچاري ڪان حسد جي آگ ۾ پچري حضرت جن جي مخالفت ڪئي. ميان پير محمد صاحب رحہ جن ان امن جي دعوت واري تحريڪ ۾ تمام گهڻو حصو ورتو. جن سندن خانداني مريدن ان دعوت کي نہ قبول ڪيو. ميان صاحبن انهن سان قطع تعلقات ڪري ڇڏي. ميان صاحب جن خواجہ احمد زمان قدس سره جن جا عاشق صادق هئا. اٿندي ويهندي زبان مبارڪ تي سندن اسم مبارڪ جو ورد هوندو هو. پاڻ توڪل جا مالڪ هئا. سندن منهن مبارڪ مٺيادار ۽ رعب وارو هوندو هو. ڪهڙو بہ وڏو ماڻهو سندن اڳيان ازخود هيٺ ويهندو هو ۽ ساڻن اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهائي نہ سگهندو هو. آخرين وقت ۾ پنهنجي فرزند حضرت پير ميان فيض محمد قدس سره جن کي پنهنجو قائم مقام مقرر ڪري مريدن کي بيعت جو حڪم فرمايائون.

درگاھ معليٰ ميل شريف جا گاديسر حضرت قاضي احمد رحہ کان پوءِ هن ريت ٿيا آهن.

1. حضرت قاضي احمد رحہ
2. حضرت پير ميان محمد صالح رحہ بن حضرت قاضي احمد رحہ
3. حضرت عبدالواحد رحہ بن حضرت پير ميان محمد صالح رحہ
4. حضرت پير ميان نورالله رحہ بن حضرت پير ميان محمد صالح رحہ
5. حضرت پير ميان محمد علي رحہ بن پير نورالله رحہ
6. حضرت پير ميان محمد شفيع رحہ بن حضرت پير ميان نورالله رحہ
7. حضرت پير ميان محمد صادق رحہ بن حضرت پير ميان محمد شفيع رحہ

Scanned with CamScanner

8. حضرت پیر میان پیر محمد رحہ بن حضرت پیر میان محمد شفیع رحہ

9. حضرت راحمي بادشاہ پیر حاجي فیض محمد قریشي قدس سرہ بن حضرت پیر میان پیر محمد رحہ

10. حضرت قبلہ پیر محمد صادق ثاني مدظلہ العاليٰ بن حضرت راحمي بادشاہ پیر حاجی فیض محمد قریشي قدس سرہ

Scanned with CamScanner

حضرت راحمي بادشاهه

پير حاجي فيض محمد قدس سره

والله فيض انت منبع الي
يوم القيامت لايكون منفدا

علامہ محمد جان قدس سره

ترجمو: قسم آهي الله جو اهو فيض جنهن جو منبع توهان آهيو. قيامت جي ڏينهن تائين ختم نہ ٿيندو.

حضرت مرشدنا و مولانا قبلہ راحمي بادشاه پير حاجي فيض محمد قريشي نقشبندي قدس سره جن جي ولادت باسعادت 14 شعبان المعظم 1348هہ مطابق 15 جنوري 1930ع تي قاضي احمد، ضلع نوابشاهہ ۾ ٿي. سندن والد حضرت پير ميان پير محمد تخت وارن سائين سندن اسم مبارڪ فيض محمد تجويز ڪيو. پاڻ سندن ولادت جو اطلاع پنهنجي هڪ عزيز پير ميان منٺل هٿان مرشد ڪريم حضرت امام العارفين پير حاجي احمد زمان قدس سره جن جي حضور ۾ ڏياري موڪليائون. جڏهين پير منٺل مٺائي ۽ سندن ولادت جو نياپو حضرت امام العارفين قدس سره جن جي حضور ۾ عرض رکيو تہ پاڻ پڇيائون تہ ٻچي جو نالو ڇا رکيو اٿوَ؟ تنهن تي پير منٺل ٻڌايو تہ ”فيض محمد“. پاڻ فرمايائون تہ ”تحقيق فيضِ محمدي آهي.“ ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي بشارتون عنايت فرمايائون.

سندن ننڍپڻ قاضي احمد ۾ ديني ماحول ۾ گذريو. دنياوي توڙي ديني علمن جو پهريون درس پنهنجي والد جن کان ورتائون. وڌيڪ تعليم

Scanned with CamScanner

پنهنجي ناني مولوي محمد صالح کان ورتائون جنهن جي وفات کانپوءِ رهيل درس مولوي محمد قاسم کان وٺي پورو ڪيائون ۽ جلد ئي عربي، فارسي، قرآن، حديث ۽ فقهه جي علمن تي عبور حاصل ڪري ورتائون.

ننڍپڻ ۾ ڪين منا سائين ۽ نازن سائين ڪوٺيو ويندو هو. حضرت تخت وارن سائين جن جو ساڻن پيار ۽ شفقت مثالي هو. پاڻ ڪين منا بابا سائين ڪري ڪوٺيندا هئا.

والد سڳورن جي تربيت جو ئي اثر هئڻ جو سندن ميلان ننڍپڻ کان وٺي ئي دين طرف گهڻو هو. طريقت جا شروعاتي مرحلا پڻ پنهنجي والد جي زير اثر طئي ڪين. پوءِ حضرت تخت وارن سائين ڪين حضرت پير بادشاهه قدس سره جن وٽ تڪميل لاءِ پيش ڪيو. جن جي توجهه سان پاڻ ڪامل مڪمل شيخ بڻيا.

پاڻ 24 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي ؤالد سڳورن جي جهان ڇڏڻ کانپوءِ سندن جانشين ٿيا ۽ حضرت قاضي احمد قدس سره جن جي مسند جا امام بڻيا. سندن مسندنشيني جي توثيق درگاهه لواري شريف تان ٿي ۽ حضرت پير بادشاهه قدس سره جن پنهنجي خادم مير سهراب باگراٽي هٿان سندن ڏانهن دستار مبارڪ ڏياري موڪلي ۽ ارشاد جي اجازت ڏنائون. روايت آهي ته جڏهن سندن دستار بندي ٿي ته پاڻ اچي بنگله شريف هيٺ ويٺا ته اصحابن ڪين عرض ڪيو ته پاڻ مٿي مسند تي ٿي ويهن تنهن تي پاڻ فرمايائون ته مٿي تي ويهڻو آهي مگر هن وقت مڪان شريف جو درويش آيل آهي انڪري آءٌ سندس احترام ۾ هيٺ ويٺو آهيان.۽ اهو سخن سڻي مير سهراب هڪدم اٿي عرض ڪيو ته ءِقبلا معافي ملي جو مونڪان هڪ خطا ٿي وئي آهي. پاڻ (حضرت پير بادشاهه قدس سره جن) مونکي حڪم ڪيو هو ته ميان فيض محمد کي مٿي مسند تي وهاري پهرين تون بيعت ڪجان سو هاڻ اوهان مٿي تي ويهو ته آءٌ اوهان جي بيعت ڪريان.

حضرت جن درگاهه ميل شريف جي گادي تي ويهڻ سان پهريون ڪم جيڪو ڪيو، سو اهو هو ته هڪ دستاويز گهرائي ان ۾ پنهنجي گادي، جماعت ۽ خود پاڻ کي مرشد ڪريمن جو نذرانو ڪري لکي وجي

Scanned with CamScanner

کين پيش ڪيو.

پاڻ پنهنجي سموري زندگي مرشد ڪريمن جي سخت پيروي ۾ گذاريائون ۽ سيني آڏو هڪ مثال قائم ڪيائون ته مرشد جو ادب ڪيئن ڪجي ۽ مريد کي ڪيئن ٿي رهڻ گهرجي. سندن زندگي مبارڪ فنا في الشيخ جو چٽو ثبوت هئي ۽ عشق جي تڪميل جو مظهر پڻ.

حضرت راحمي بادشاهه قدس سره جن جي سادگي ۽ انڪساري جو ڪو بدل ملي نه سگهندو. سندن لب مبارڪ هميشه مشڪندا رهندا هئا. ڪلمڪ پيار ۽ پاٻوهه سان گفتگو ڪندڙ هئا. سندن پوري زندگي تصوف ۽ طريقت جي مظهر نظر ايندڙ هئي. وٽائنس ڪوبه نااميد ٿي نه موٽيو، ڪهڙو به شخص، ڪهڙو به مسئلو کڻي آيو ته پاڻ يڪدم اهو مسئلو ڪيس حل ڪري ڏيندا هئا.

سندن رهڻي ڪهڻي ۽ اٿڻي ويهڻي هر طرح سان حضرت پير بادشاهه قدس سره جن جو عڪس هئي. پاڻ به حضرت پير بادشاهه قدس سره جيان نهايت گهٽ ڪائيندا هئا ۽ سادو پهريندا هئا. سندن لباس عام طرح سان شلوار قميص هوندو هئو. شروع ۾ سنڌ جي علمي گهراڻن جي روايتن پٽاندڙ ترڪي ٽوپي پهريندا هئا مگر بعد ۾ زري جو ڪم ٿيل سنڌي ٽوپي استعمال ڪندا هئا. البته حضرت پير بادشاهه قدس سره جن جي وصال بعد ڪين سونهري ٽوپي ۽ هڪ رنگ واري وڳي ۾ ورلي ڏٺو ويو. پويان 13 سال اڇي ڪپڙي يا ڏاڳي جي اٽيل سادي ٽوپي، چيڪ جي قميص ۽ اڇي هرڪ جي شلوار سندن لباس رهيو. جيڪو لباس حضرت پير بادشاهه قدس سره جن به استعمال ڪندا هئا. سندن ئي پيروي ڪندي راحمي بادشاهه قدس سره سياري ۾ ڪوٽ ۽ اونهاري ۾ واسڪٽ پائيندا هئا. هلڻ مهل واڪنگ اسٽڪ به کڻندا هئا ۽ ڪٿي ڪٿي ڪنهن خاص موقعي يا تقريب تي شيرواني پڻ زيب تن فرمائيندا هئا.

سندن روز مره جا معمولات حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن جي ان مقولي جي عين مطابق هئا ته هَن دور جا ولي ٿورو سمهن ٿا ۽ ٿورو کائين ٿا. سندن غذا تمام گهٽ هئي. صبح جو هڪ يا ٻه بسڪٽ ۽ لاچار ته چانهه جو ڪوپ. منجهند جي ماني ظهر نماز کانپوءِ واپرائيندا

Scanned with CamScanner

هئا. ان ۾ البتہ موسم جي مناسبت سان پاچيون گوشت ۽ ميوا استعمال ڪندا هئا. رات جو اٺين وڳي ڌاري نهايت اهتمام سان تيار ٿيل چانهہ نوش فرمائيندا هئا. اها چانهہ پاڻ حضرت پير بادشاهہ قدس سره جن جو هديو ڪري واپرائيندا هئا. انڪري ان چانهہ ۾ هڪ عجيب لذت ۽ سرور هوندو هو. چانهہ مهل اڪثر ڪري سندن ويجهي تعلق وارا صحبتي بہ اچي گڏ ٿيندا هئا. پوءِ هڪ ٻن ماڻهن سندن شفقت وچان حجت ڪري ايئن بہ چيو هو تہ قبلا سائين اسين توهان جي محبت ۾ گهٽ پر ڻن چانهہ جي سڪ ۾ وڌيڪ تا اچون.ء

رات 10 وڳي ڌاري رات جي ماني واپرائيندا هئا. جنهن ۾ اڌ ماني کير سان سندن طعام هو. ڪڏهين ڪڏهين، خاص طور تي ڪراچي ۾ خادمن ۽ فقراءَ لاءِ بني شريف تي تيار ٿيندڙ دال پت ئي واپرائيندا هئا. سندن دستور هو تہ صبح 11 ڌاري ٻاهر بنگلي ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا ۽ ظهر کانپوءِ تائين ويٺا رهندا هئا. جنهن ۾ جماعت کان ٻاهر ايندڙ ويندڙ ماڻهن سان ملاقات ڪندا هئا ۽ سندن مسئلن يا معاملن ۾ مدد ڪندا هئا. ٿيهري مهل حويلي ۾ آرام فرمائيندا هئا ۽ مغرب کان ٿورو اڳ بيدار ٿيندا هئا ۽ پوءِ وري ٻاهر ايندا هئا ۽ رات 8 وڳي کان ڏهين وڳي تائين اصحابن سان مجلس ڪندا هئا. جنهن بعد ڪم ڪارين وغيره جي اڪلاءُ لاءِ ملازمن ۽ واسطيدارن سان مصروف ٿيندا هئا. عام طرح سان رات 1 وڳي ڌاري عام جماعت سان ملاقات فرمائيندا هئا ۽ سندن عرض احوال ٻڌندا هئا. جنهن بعد حويلي ڏانهن اسرندا هئا. پوءِ ڪڏهين تہ جلد آرامي ٿيندا هئا تہ ڪڏهين پنهنجي اولاد سان وقت گذاريندا هئا. ٻنهي صورتن ۾ پاڻ فجر مهل باقاعدگي سان اٿندا هئا ۽ نماز بعد وري بيهر ٿورو آرام فرمائيندا هئا. جوڻين مبارڪ جي رات مجلس کانپوءِ خصوصي نوافل ادا ڪندا هئا. جڏهين تہ هر روز شرعي فرائض ادا ڪرڻ کانسواءِ باقاعدگيءَ سان تسبيح تي ورد ڪندا هئا.

سندن پسند واري مشغولي ذڪر الاهي ۽ ان بعد مالڪ الڪل جي حمد وثنا ٻڌڻ ۽ ڪرڻ، ڪلام الله جو تفسير، حديث، تصوف، طب ۽ تاريخي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ هين. پاڻ اڳين ۽ پوئين جي فضيلتن جا

Scanned with CamScanner

خزانا ۽ سيني خوبين: شرافتن ۽ ڀلاين جا جامع نظر ايندڙ آهن. پاڻ ارشاد جا اهڙا ابر هئا، جو محبت ۽ معرفت جا موتي طالبن جي دلين تي ڪلندي ڪلندي وسائي وجهندا هئا. پاڻ وڏ ڦڙي مينهن جيان وسندا هئا. هن فيض جي بحر بي پايان اهڙيون موجون پيدا ڪيون، جو اهڙيون موجون اڳ نہ ڏٺيون نہ ٻڌيون.

سندن خلق نبوي حقيقت جو مظهر هو. پاڻ پرهيزگار، متقي ۽ مصطفوي شريعت تي مستقيم هئا. سندن علمي سرمايو ايترو تہ وسيع هو، جنهن جي اوڙڪ ڪنهن نہ لڌي. پاڻ پنهنجي وقت جا ڪامل ۽ لاثاني لال هئا. مشائخن ۽ علماءَ ڪرام واقف اسرار سبع المثاني وسهيا ويندا هئا. سندن اقوال مبارڪ نور تي نور آهن. پاڻ شفيقن ۾ شفيق ۽ ڪريمن ۾ ڪريم هئا. فتويٰ ۽ شرعي توڙي طريقتي امورن ۾ ۽ ارشاد جي احڪامن ۾ ڪين قدرت ڪاملہ هئي، عوام توڙي خواص ۾ راسخون في علم جو درجو رکندڙ هئا. ٻرصغير جا ڪيترا علما ڪرام، فقها ۽ اصفياءِ عظام سندن مجلس جي حاضري کي دارين جو اجر ڄاڻندا هئا.

سندن اهو دستور رهيو تہ پاڻ پنهنجي مان ۽ مرتبي کي عوامي ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ بخل کان ڪم نہ ورتائون. سندن بارگاهہ تي هزارين مريد روحاني توڙي دنياوي غرضن پڄاڻان پند ڪندا هئا پر ان سان گڏ سندن عوامي مقبوليت ۽ بلند سماجي حيثيت جي ڪري ڪي پڻ ڪي اجنبي بہ سندن ڪرم جو سٺي انفرادي توڙي اجتماعي ڪمن ڪارين لاءِ پيا پيرا ڪندا هئا. پوءِ ڪٿي اهو ڪو بي غرض سماج سيوڪ هجي يا ڪو بااثر سرڪاري ڪامورو، يا ڪٿي ڪو بي پهچ غريب ڳوٺاڻو. سندن دروازو هر ڪنهن لاءِ کليل رهندو هو ۽ هر ڪنهن جي تڪليف دور ڪرڻ لاءِ وس آهر اپاءَ وٺندا هئا.

سندن سماجي خدمتن جو دائرو وسيع هو. مگر جيئن تہ سندن کي بہ سياسي مقصد نہ هئا، انڪري هر ماڻهو جي، بنا متڀيد جي، ڪم ڪارين ۾ ڀهرو وٺندا هئا. سندن بنگلو جماعت توڙي پسگردائي جي ضرورت مندن سان ڀريل ئي رهندو هو. اڄ بہ ڪيئي ماڻهو اهو چوندي ٻڌبا آهن تہ اسان کي سائين جن نوڪري وٺرائي ڏني. اسان جي ڳوٺ کي

بجلي، پاڻي، رستو يا فون سائين جن ڏياريا آهن. سندن اهڙين خدمتن جو
ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي، پاڻ ته اهڙين ڳالهين کي وساري ڇڏيندا هئا.
سندن سيعي سان ڪيترن ئي بيروزگارن کي روزگار مليو، ڪيترن ئي
ڳوٺن کي اسڪول، روڊ، رستا، بجلي، پاڻي ۽ اسپتالن وغيره جي
سهوليت ميسر ٿي ملي. انهيءَ ڪم ۾ هميشه پنهنجن اسلافن جي ان
روايت کي پاڻي ڏيندا هيا ته خير جي ڪم ۾ ڪٿي به سندن نالو ظاهر نه
ٿئي.

سندن انهي ڪاوش جي ڪري وقت جا بااثر ماڻهو توڙي سماجي
ڪارڪن به ڪين وقت بوقت پنهنجي مدد لاءِ زحمت ڏيندا هئا. واقعو
آهي ته 1971ع ۾ جڏهين پاڪ - ڀارت لڙائي جا ڪڪر ڇانيل هئا ته پاڪ
فوج جي مجاهد فورس ۾ ڀرتي جو پروگرام شروع ٿيو. ان ڏس ۾ جڏهين
هٿياربند فوج جي بالاقيادت حضرت پير بادشاه قدس سره کي مدد لاءِ
چيو ته پاڻ جماعت لواري شريف جي نوجوانن کي نه رڳو مجاهد فورس ۾
شموليت جي تلقين ڪيائون بلڪ اخباري اشتهارن وسيلي سنڌي
نوجوانن کي پڻ همٿايائون ته اهي ملڪي دفاع ۾ پنهنجو ڪردار ادا
ڪن. سندن چوڻ تي حضرت راحمي بادشاه قدس سره جن به تحرڪ ورتو
۽ سندن هدايتن پٽاندڙ درگاه قاضي احمد رحه جي مريدن ۽ ڀرپاسي جي
بين ڪيترن ئي ماڻهن جو وڏو انگ مجاهد فورس ۾ شامل ٿيو ۽ ملڪي
سرحدن جي بچاءُ ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو.

1980ع ۾ ڪل پاڪستان مشائخ ڪانفرنس ۾ پاڻ جماعت
لواري شريف جي صدر جي حيثيت سان حضرت پير بادشاه قدس سره جن
جي عيوضي طور شريڪ ٿيا. ان ڪانفرنس ۾ پاڻ مشائخن جي تنظيم ۽
فرقيواريت جي خاتمي لاءِ ملڪ جي سمورن مشائخن کي هڪ پليٽ فارم
تي منظم ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ٻولهيون ڪيائون ۽ سندن سيعي سان ڪي
اهڙيون تنظيمون قائم به ٿيون جن ملڪ ۾ فرقيواريت خلاف جوڳا اپاءُ
ورتا.

درگاه لواري شريف جي سجاده نشيني والارڻ کانپوءِ جڏهين پاڻ
جماعت اندر تنظيم سازي تي توجه ڏنائون ته انهن کي به اهو درس ڏيندا

هئا تہ جماعت لواري شريف جي فلاح بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ سان گڏو گڏ اهڙا پروگرام بہ تيار ڪيا وڃن جنهن ۾ جماعت کان ٻاهر جي ماڻهن جو بہ ڀلو ٿئي. سندن حڪم ۽ همٿائڻ سان ناجيہ شاگرد تنظيم ۽ حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره فائونڊيشن طرفان، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي سهڪار سان سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مفت اکين جون ڪيمپون لڳايون ويون. جتان هزارين ماڻهن مفت ۾ اکين جا آپريشن ڪرايا ۽ وڃايل نور موٽائي ورتو. انهن مريضن جي تيمارداري لاءِ نشات جا ورڪر هئا تہ انهن جي ماني ٽڪي ۽ رهائش جو سمورو خرچ سندن کيسي مان ادا ٿيو. ان ڪانسواءِ پاڻ ڪيترن ئي بين طبي ڪيمپن جو پڻ بندوبست ڪرايائون جنهن ۾ جماعت لواري شريف سان تعلق رکندڙ ماهر ڊاڪٽر غريب ڳوناڻن جو مفت علاج ڪندا هئا.

غرض تہ سندن ذات بابرڪات ۾ الله تبارڪ تعاليٰ پنهنجي صفت ”رحمان“ جو جهجهو حصو رکيو هو. پاڻ ان ڳالهہ جو بہ انتظار نہ ڪندا هئا تہ ڪو ضرورت مند سندن تائين اچي بلڪ اڪثر تہ ضرورتن جو از خود احساس ڪندي پاڻ مراڊو وڃي ڀلائي جا ڪم ڪرائيندا هئا. طبي ڪيمپ لڳائڻي هجي تہ بہ پاڻ پاڻهيئي بندوبست ڪندا هئا. ٻوڏ جو زور ٿئي تہ قاضي احمد شهر ۽ پسگردائي جي بچاءُ لاءِ ازخود ماڻهن جو بندوبست ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي تہ اڄ نہ رڳو جماعت لواري شريف، پر سنڌ جو هر واسي کين ”رحمي بادشاهہ“ قدس سره چوي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهوئي اسم مبارڪ سندن حال ۽ قال سان مطابقت رکي ٿو.

حضرت جن علم ظاهري توڙي باطني علمن ۾ ڪمال جي درجي تي فائز هئا. سندن فيض مان تمام گهڻا ماڻهو بهرور ٿيا. سندن خانداني مريدن ۽ درگاهہ لواري شريف جي مراد وند مريدن ڪانسواءِ ذاتي حلقي ۾ پڻ ڪثير تعداد ۾ طالب ٿيا، جيڪو فيض جهان کي سندن ذات بابرڪات کان پهتو، ايترو فيض ان دور ۾ ڪنهن بئي هنڌان ڪنهن شخص کان نہ مليو. خوارق و ڪرامات ڪانئن تمام گهڻيون ظهور پذير ٿيون. وقت جا حاڪم، امراءَ ۽ وزراءَ ديدار جا مشتاق رهندا هئا، کين دين توڙي دنيا جون عظيم نعمتون ميسر هيون.

جڏهن پاڻ حج بيت الله جي ادائگي فرائض لاءِ اسريا، ته جيڪي ساٿن رفيق ۽ خادم هئا، تن ٻڌايو ته حضرت جن ڪڏهن به اسان کان اڳ نه ستا، نڪي ڪڏهن اسان ڪانپوءِ اٿيا، اسان کين هميشه مراقبي ۾ ڏٺو. جبل خان جمالي ٻڌايو ته ڄحج جي دوران ڪعبته الله شريف جي طواف ڪرڻ وقت تمام گهڻي رش ٿيندي آهي. ماڻهو هڪ ٻئي تي چڙهي ويندا آهن. مگر حضرت جن جي چوگرد ٻن فوٽن جي وٿي رهندي هئي، ڪو به شخص ساٽن ڪڏهن به نه ٽڪريو.۽

حضرت جن جو طريقتي دنيا ۾ وڏو مان ۽ مرتبو چٽبو جو دنيا جي عظيم ترين بارگاه معليٰ مڪان پاڪ لواري شريف جو مؤرث اعليٰ ۽ سجادي جو صاحب، مسند محمدي ۽ امانت احمدي جو امين مرشد ڪريم خواجه گل حسن شاه صديقي قدس سره ان وٽ ٻه ڀيرا تشريف فرما ٿيا. اهي ٻئي موقعا مبارڪ وڏي اهميت جا حامل آهن. جڏهن مرشد ڪريم جن وٽن جلوه افروز ٿيا، تڏهن اهلِ باطن ڏٺو ته مماتي وارا بزرگ ۽ جن ٻه انسانن سان گڏ خوشيون پيا ملهائين ۽ هڪ ٻئي کي مبارڪون پيا ڏين، ان وقت قاضي احمد شهر ۽ حضرت جن جي مڪان کي جيڪا حيثيت ملي سا بيان کان ٻاهر آهي. مريدن، معتقدن کان سواءِ اوڙي پاڙي جي زميندارن، عالمن، خواص توڙي عوام، شهنشاه ڪريمن جو ديدار ڪيو. شهر جون گهٽيون ۽ جايون، اوتارا ۽ اوطاقون، پارڪ ۽ باغ نور سان ڀرجي ويا، سڀ گهيڙ ۽ گهٽ، ڀيچرا ۽ رستا خوشبوءَ سان واسجي ويا. هن شهر جي مٽيءَ جو مان وڏي ويو، شهر جي ماڻهو جن ۾ غريب، امير مسلم توڙي غير مسلم عيد جهڙي خوشيءَ ۾ موجزن هئا، اهو ڀلارو سموڪن ڀاڳوانن کي نصيب ٿيو. هيءَ حڪايت ان وقت جي آهي جڏهن مرشدنا حضرت پير بادشاه ڪريم جن قاضي احمد ۾ اچڻ جو پروگرام ڏيڻ فرمايائون. ان وقت ۽ تاريخ جي تعين بعد حضرت جن کي اهو چيو ويو ته ڄڪو ماڻهو قاضي احمد ٻاهران رستي تي بيهارجو ۽ اهو ماڻهو اهڙو هجي جنهن کي اسان جو ڊرائيور سڃاڻندو هجي.۽ حضرت جن قاضي احمد شهر ۾ پورو ۽ مڪمل انتظام ڪري ٽن گاڏين ۾ شهر ٻاهران وڃي بيٺا. علي بخش ارباب جيڪو ان وقت سندن گاڏي ڊرائيو

Scanned with CamScanner

ڪري رهيو هو ٻڌايو تہ ءِمون جيئن پري کان ميان صاحبن ڪريمن (ان وقت حضرت جن کي ان لقب سان چاتو سڃاتو ويندو هو) کي ڏٺو تہ مالڪن ڪريمن کي عرض ڪيو تہ قبلا! ميان صاحب بيٺا آهن.ءِ پاڻ مون کي فرمايائون تہ ءِڇوڪرا! گاڏي روڪءِ مون گاڏيءَ کي بريڪ ڏيئي بيهاريو. ميان صاحب تڪيون ءِ تيز وکون کڻندا اچي سندن پرسان ٻانهون ٻڌي بيٺا. ان تي مرشد ڪريمن کين فرمايو تہ ءِاوهان خود اچي بيٺا آهيو. اسان تہ ماٺهوءَ لاءِ چيو هوءِ. ميان صاحبن وراڻيو تہ ءِوسيلا منهنجا! مون اهو مناسب نہ ڄاتو تہ توهان جهڙا شهنشاهہ هن فقير تي ايڏي نوازش ڪرڻ فرمائين ٿا تہ پوءِ مناسب نہ آهي جو ڪو ٻيو شخص اڳ تي موڪليانءِ. اهو جواب سڻي مرشد ڪريم مٿن ايڏا تہ خوش ٿيا ءِ مٿن روحاني توجهہ عنايت فرمايائون. جنهن لاءِ حضرت جن مؤلف کي ڪيترا ڀيرا ٻڌائڻ فرمايو تہ ان هڪ جواب عرض ڪرڻ تي ٻارهن سالن جي ٻي ريا رياضت سان بہ اهو مرتبو نہ ملي ها. جيڪو پاڻ بادشاهہ ڪريم جن ان جواب مان نوازش فرمايو.ءِ

حضرت پير بادشاهہ قدس سره جن جو پڻ ساڻن گهڻو پيار ءِ انس هيو. ڪيترن دعوتن ۾، پوءِ اهي سماجي، ادبي يا مذهبي هيون، کين پنهنجو نمائندو ڪري موڪليندا هئا. ڪل پاڪستان مشائخ ڪانفرنس، اسلام آباد ۾ حڪومت جي طرفان ڪوٺائي ويئي، ان ۾ پڻ مرشد ڪريم جن حضرت جن جي سربراهيءَ ۾ هڪ وفد موڪليو ءِ پنهنجي پيغام ۾ جو ڪجهہ فرمايائون، ان جو خلاصو هن ريت آهي تہ ءِڪانفرنس ۾ منهنجي عدم شرڪت تصور نہ ڪجو ڇاڪاڻ تہ ان ڪانفرنس ۾ منهنجو نمائندو پير فيض محمد (قدس س ه) موجود آهيءِ

مرشد ڪريمن پنهنجي گادي ءِ جماعت لاءِ پڻ هڪ وصيت نامون لکي ڇڏيو، جنهن جو متن هن ريت آهي.

وصيت بابت نامزدگي سجاده نشين درگاهہ لواري شريف ضلع بدين.

منهنجي هيءَ وصيت واسطو رکي ٿي نامزدگي سجاده نشين درگاه لواري شريف ضلع بدين جي سان ءِ هيٺين ريت آهي:

جيئن تہ آءٌ پير گل حسن شاھ ولد مرحوم حضرت پير حاجي احمد زمان شاھ رھندڙ بنگلہ نمبر 87 فلن اسٽريٽ گارڊن ايسٽ ڪراچي سنڌي نسبت رکان ٿو حضرت سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان قدس سره سان ۽ اھڙي طرح آءٌ مقرر ڪيو ويو ھوس پنھنجي والد صاحب طرفان سجاده نشين درگاه لواري شريف جو ۽ تڏھن کان وٺي آءٌ سجاده نشين جون ذميواريون پوريون ڪندو پيو اچان ۽ اھو پاڪ منصب پاڻ وٽ رکان ٿو پنھنجي پوئلڳن جي اسلامي تعليمات مطابق رھنمائي لاءِ. حضرت سلطان الاولياءُ کان وٺي اڄ تائين وڏو فرزند سجاده نشين ٿيندو آيو آھي پر جيئن تہ آءٌ انھي صورت ۾ تہ منھنجي عمر 68 سال آھي ۽ مون کي نرينو اولاد نہ آھي، اھا خواھش رکان ٿو تہ آئنده جي ڪنھن بہ مسئلي ۽ غلط فھمي کان بچڻ لاءِ ھڪ ماڻھو اسان جي طريقت جي پوئلڳن مان نامزد ڪيو وڃي. جيڪو مون کانپوءِ منھنجي جاءِ والاري. تنھنڪري آءٌ مٿئين نالي وارو پير گل حسن شاھ پنھنجن مريدن ۽ پوئلڳن سان صلاح مشوري ڪرڻ کانپوءِ ھيئن ظاھر ڪيان ٿو تہ اگر مون کي ڪوبہ نرينو اولاد نہ ٿيو تہ جناب پير ميان فيض محمد ولد مرحوم ميان پير محمد قاضي احمد ضلع نوابشاھ جو منھنجي وفات کانپوءِ درگاه لواري شريف جو سجاده نشين ٿيندو ۽ اھي سڀ فرائض ۽ ذميواريون پوريون ڪندو جيڪي سجاده نشين جون آھن.

سڀ مريد ۽ معتقد لواري شريف جا ھن کي انھيءَ حيثيت ۾ قبول ڪن ۽ ھن جا پوئلڳ ٿين، وفاداريءَ سان اسلامي تعليمات مطابق.

مون ھي وصيت سالم دماغ ۽ ھوش سان بغير ڪنھن دباءَ ۽ دوکي ۽ جبر جي ڪئي آھي.

ان جي تصديق ۾ صحيح ڪيم ھي وصيت ڪراچيءَ ۾ اڄ تاريخ 22 جون 1978ع تي.

الله سيني جي مدد ڪري ۽ پنھنجي خاص رحمت ۽ برڪت جي بارش وسائي.

(اصل تي) صحيح

پير گل حسن شاھ

سجاده نشين درگاه لواري شريف بدين

Scanned with CamScanner

جڏهن پاڻ درگاهه لواري شريف جا مرشدن ڪريمن جي ارشاد موجب سجاده نشين ٿيا ان بعد جماعت لواري شريف ۾ وگوڙ، فتنو ۽ فساد ڪڙو ٿي ويو. پاڻ گهڻي ڪوشش ورتائون ته ايئن نه ٿئي. مگر مرشد ڪريم شهنشاهه گل حسن بادشاهه قدس سره جن جي ظاهري رشتيدارن فتني وڌائڻ لاءِ وسئون نه گهٽايو. هر طرح جا حربا هلايائون، مرشد ڪريمن جن ماڻهن کي مڪان شريف مان تڙي ڪڍيو هو يا جماعت مان خارج ڪيو هو. انهن سيني تڙيلن ۽ خارجن کي گڏي پنهنجي لادينيت ۽ غير اعتقادي عقائدن جي اوٽ ۾ ساده لوح پوورڙن جماعت جي درويشن کي برغلائي وڌائون. حضرت جن پنهنجي خانداني مريدن ۽ مڪان پاڪ لواري شريف جي سڌن طالبن مان اڪيلا اڪيلا ۽ ٽولن جي صورت ۾ انهن ماڻهن ڏانهن روانو ڪيو جيڪي مرشد ڪريمن جي وصيت مبارڪ کي مڃڻ لاءِ منجهي پيا هئا. پاڻ جن ماڻهن کي جماعت جي ايڪي ۽ ٻڌي قائم ڪرڻ لاءِ موڪليائون تن ۾ مؤلف (محمد پناهه ڦرڙو) به شامل رهيو آهي. انهن موڪليل ماڻهن کي خطاب فرمائيندا هئا. جنهن جو خلاصو هن ريت آهي.

جماعت جي ڀائرن کي نرمي ۽ مٺاس سان ٻڌايو ته مڪان پاڪ جي سجاده نشيني جو معاملو هميشه حق جي مرضي موافق ٿيندو آيو آهي. هي فتنو بادشاهه ڪريم جي حاسد رشتيدارن جو ڪڙو ڪرايل آهي. هو جماعت ۾ منو زهر پکيڙي رهيا آهن. بادشاهه ڪريمن تي ڪيترا ڪوڙا ڪيس ڪراين، جن جي سچي جماعت کي خبر آهي، درگاهه پاڪ سان هنن جو ڪوبه تعلق نه آهي. هنن بادشاهه ڪريم جي ڪڏهن به بيعت نه ڪئي، هنن کي طريقت جي آدابن جي ڪا خبر نه آهي. مرشد ڪريم جي وصيت جو انڪار طريقتي گناهه آهي، بادشاهه جون ڏائريون پڙهو.۽

حضرت جن جي وقت ۾ لواري شريف، جي حلقي ۾ علمي، ادبي سماجي ۽ مذهبي گڏجاڻيون ٿينديون رهيون آهن. اهي ڪهڙي به دور جون هجن، مگر حضرت جن جو ان ۾ اهم ۽ وڏو ڪردار رهيو آهي.

لواري شريف ۾ مولانا غلام محمد گرامي صاحب جي صدارت ۾ سلطان الاولياءُ ادبي ڪانفرنس ٿيندي هئي. هيءُ سال 1974ع جو وقت

Scanned with CamScanner

آهي، تڏهن به ان ادبي ڪانفرنس ۾ سندن نگراني ضرور هوندي هئي. جشن حضرت سلطان الاولياءُ هجي يا جشن نزول قرآن، سڀ ۾ پاڻ اڳرا هوندا هئا. سڄو وقت پيا مانيٽرنگ ڪندا هئا. ننڍن توڙي وڏن اديبن کي ملي همٿائيندا هئا. اسان جي ڪچين ڦڪين لکڻين کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. همٿائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا هئا. اسان کي هر وقت ۽ موقعي پٽاندر شاعري ڪرڻ يا نثر ۾ لکڻ لاءِ هدايتون بخشيندا هئا.

سندن اهڙي شفقت ڀرئي نظر ۽ پيار سبٻان اسان ۾ تمام گهڻا سماجي ورڪر، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا. اگر شمار ڪيو وڃي ته سندن ڪرم ۽ رهنمائي سان جماعت ناجيه ۾ مردن، عورتن ۽ ٻارن ۾ گهڻو حصو لکندڙن جو آهي.

1995ع جي اپريل، مئي مهيني ڌاري کين پيٽ جي تڪليف ٿي ۽ اڪثر هاضمو خراب رهڻ لڳو. شروعاتي معالجي دوران ڊاڪٽرن اهو پي سمجهيو ته معدي جي خرابي آهي. مگر جڏهن ٻه ٽي هفتن ۾ آرام نه آيو ته ڊاڪٽرن کين مختلف ٽيسٽن لاءِ چيو. جيڪي سڀ نارمل نڪتا. مگر تڪليف رفع نه ٿي. آخر پاڻ پنهنجي چيڪ اپ لاءِ لنڊن روانا ٿيا، جتي ڊاڪٽرن ڏسيو ته جو آپريشن تجويز ڪيو. پاڻ ان تي هائوڪار ڪيائون. مگر جڏهين آپريشن لاءِ فائنل ٽيسٽ ٿيا ته ڊاڪٽرن آپريشن جو ارادو ملتوي ڪيو ۽ کائڻ واريون دوائون تجويز ڪيون. دوائن جي سائيڊ ايفيڪٽ طور ڊاڪٽرن اهو ٻه ٻڌايو ته ان سان ڪمزوري پيدا ٿيندي ۽ ٿيو به ائين. ڪمزوري جي ڪري کين پراڻي چيلهه جي سور جو عارضو به ا ٿلي پيو. گهڻي ڪمزوري ۽ سور جي ڪري کين مڊ ايسٽ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي پاڻ 11 نومبر 1995ع مطابق 17 جمادي الثاني 1416هه بروز ڇنڇر ٻه وڳي منجهند وصال فرمايائون.

هي ته هئا ظاهري اسباب جيڪي فطرت جي قانون مطابق ظاهر ٿيا. مگر سندن ويجهن اصحابن کي پاڻ اڳواٽ ئي ڪيئي ڀيرا اهڙا اشارا ڏيئي چڪا هئا ته سندن وصال جو وقت اچي چڪو آهي. هڪ ڀيري اهو پڻ فرمايائون: اسان کي پير بادشاهه قدس سره جن جو سڏ ٿيو آهي.

سندن ظاهري علالت جي ڏينهن دوران به سندن رويي ۾ ڪنهن به

Scanned with CamScanner

هيٺائي جا آثار نہ هئا. شديد جسماني هيٺائي جي باوجود بہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي جماعت سان ملاقاتون ڪندا هئا. ان ئي سال 11 ربيع الاول تي قاضي احمد رحہ ۾ جشن عيد ميلادالنبي جي پلاري موقعي تي از غيبي جماعت ڪي چڪ تي ۽ جماعت توڙي ٻاهر جا ماڻهو وڏي انگ ۾ اچي موقعي پاڪ ۾ شريڪ ٿيا ۽ پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ساڻن ملاقات فرمايائون. جڏهين ڪين عرض ٿيو تہ اپتري ويهڪ جي ڪري تڪليف تہ ٿي هوندي؟ تہ پاڻ فرمايائون: ڄڻهن مونکي هن مسند تي ويهاريو آهي ان ئي همت عطا ڪئي.

آخري ايامن ۾ بہ جڏهين پاڻ اسپتال داخل هئا تہ پنهنجي آرام جو خيال نہ ڪندي فرمايائون تہ ڪوبہ پڇي تہ انهن کي ٻڌايو متان ڪو چوي تہ اسان کي خبر نہ هئي ۽ طبيعت پرسي نہ ڪري سگهياسين. اسپتال ۾ ڪيئي ماڻهو ايندا هئا ۽ پاڻ انهن سان ملندا بہ هئا ۽ ڪين دلداري بہ ڏيندا هئا. جن اصحابن کي سندن منشا جي پروڙ هئي اهي سندن آڏو دلگير ٿيندا هئا تہ ڪين آٿت ڏيندي پنهنجي فرزند قبلہ موجوده سجاده نشين جي ڏانهن اشارو ڪري فرمائيندا هئا تہ ڄڳتي جو ٿا ڪريو آءٌ اوهان کي شينهن مڙس جي حوالي ڪري ٿو وڃانءِ.

پاڻ پنهنجي تدفين جو اختيار پنهنجي فرزند ۽ جانشين کي ڏنائون ۽ فرمايو هئن تہ: ميل (درگاهہ قاضي احمد رحہ) ۽ مڪان (درگاهہ لواري شريف) ۾ ڪو فرق ڪونهي.

حضرت قبلہ موجوده مسند نشين پير محمد صادق قريشي جن انهيءَ اختيار کي استعمال ڪندي سندن مزار مبارڪ درگاهہ قاضي احمد رحہ ۾ ان جاءِ تي ڪيو. جنهن لاءِ قبلہ راحمي بادشاهہ هڪ ڀيرو پنهنجن اسلافن جي زيارت ڪندي فرمايو هو تہ هتي اجان هڪڙي جاءِ تي سگهي ٿي.

سندن تدفين مهل هڪ عجب اسرار ٿيو تہ جڏهين سندن نشان ڪيل مقام تي درگاهہ شريف ۾ سندن مرقد مبارڪ لاءِ جڳهہ ڪن.ي وئي تہ اتي تمام گهٽي سوڙهہ پئي محسوس ٿي مگر جڏهن سندن جسد مبارڪ آندو ويو تہ اتي ازغيبي ڪشادگائي پيدا ٿي وئي.

Scanned with CamScanner

سندن وصال جي ٻي ڏينهن صبح 8 وڳي ڌاري سندن جنازه نماز درگاهه شريف سان لڳ تاريخي جامع مسجد ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ هزارن ۾ رت جا ڳوڙها روئندڙ جماعت توڙي دلگير دوستن ۽ واقف ڪارن شرڪت ڪئي. بعد ۾ کين سندن طرفان نشان ڪيل جڳهه تي روضهٔ مبارڪ حضرت قاضي احمد رحه ۾ حضرت قاضي احمد قدس سره جن جي سڄي پير ۾ جاءِ ڏني ويئي.

پاڻ پنهنجي حياتي مبارڪ ۾ پنهنجي وڏي فرزند حضرت قبله پير محمد صادق قريشي جن کي پنهنجو جانشين نامزد فرمايو هئن ۽ پنهنجيَ علالت دوران چوٿين جمادي الثاني 1416هه تي جماعت کي حڪم فرمايو هئن تہ سندن بيعت ڪئي وڃي. سندن مزار مبارڪ قائم ٿيڻ ڪانپوءِ حضرت قبله پير محمد صادق قريشي جن جي دستاربندي ٿي، جنهن ۾ سندن عزيزن ۽ جماعت سندن بيعت ڪئي ۽ کين پنهنجي مرشد ڪريمن جو جانشين ۽ وارث مڃيو.

راحمي بادشاهه قدس سره پنهنجي دور مبارڪ ۾ اڪثر موقعن تي ٿيندڙ ميڙاڪن، طريقتي گڏجاڻين ۽ ڪتابن جي اشاعت تي جماعت کي پنهنجي پيغامن سان نوازيندا هئا ۾ تاڪيد فرمائيندا هئا تہ جماعت لواري شريف ٻڌي قائم ڪري ۽ طريقت ۽ شريعت تي سختي سان ڪاربند رهي. هتي سندن ڪجهه پيغامن کي تبرڪ طور پيش ڪجي ٿو جنهن مان سندن فڪر ۽ تربيت جو پتو پئجي سگهي ٿو.

اطيعو الله واطيعو الرسول واولي الامر منكم

بيحد مسرت جو باعث آهي جو اڄ مرشدنا سيدنا آقا قبله امام العارفين خواجه پير احمد زمان قدس سره ڇهين سجاده نشين درگاهه عاليه مڪان شريف جن جي زندگي مبارڪ ۽ تعليمات تي وڏي پيماني تي جلسو مئنيجنگ ڪميٽي جماعت لواري شريف جي طرفان منعقد ڪيو ويو آهي.

حضرت جن جو پيغام ڪل بني آدم جي فلاح ۽ نجات لاءِ آهي. ان تي عمل ڪرڻ سان اقوام عالم مان بک، بيماري ۽ جنگ جهڙيون

Scanned with CamScanner

حالتون ختم ٿي سگهن ٿيون. هھڙن موقعن مبارڪن ۾ شرڪت ڪرڻ برڪت ۽ سعادت جو باعث آهي.ء

دعا گهرندڙ آهيان تہ مولئ پاڪ سڀ مخلوق ڪي حضرت جن جي سکيا تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين! جماعت لواري شريف جي ڪي نماز، روزي، حج ۽ زڪوات وغيره ۽ احڪام الاهي تي سختيءَ سان پابند رهڻ گهرجي. وما علينا الالبلاغ.

...

بسم الله الرحمن الرحيم - اسلام عليڪم ورحمتہ الله وبرڪاتہ!

منهنجا محترم ڀائر ۽ ڀينر ناجيہ جماعت جا جيڪي بہ مومن ۽ مومنياڻيون هن ڏهاڙي پاڪ سيدنا ومرشدنا قبلہ پير بادشاھ ڪريم رحيم جي تي حاضر ٿيا آهيو تن تي مالڪ سلطان الاولياءُ جون رحمتون ۽ برڪتون بي حساب بخشيش ٿيون آهن ۽ هميشہ ٿينديون رهنديون. طريقت پاڪ ۽ شريعت سگوري تي مستحڪم رهي مالڪ ڪريم جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪريو! توفيق ڏيڻ وارو پنهنجو سائين ڪريم آهي.

نعم المولئ ونعم النصير.

...

جماعت لواري شريف ڪي آگاھ ٿو ڪجي تہ اسان نذرانو وٺڻ معاف ڪيو آهي. ان لاءِ ڪوبہ شخص نذرانو نہ رکي ۽ نڪي موڪلي ڏئي.

Scanned with CamScanner

ڪل

پيش لفظ

اولياءَ الله قدس سرهم جي زندگي مبارڪ جو مطالعو ڪرڻ سان انسان جي قلب کي راحت ۽ سڪون ملي ٿو ۽ سندس اخلاق ۽ اعمال درست ٿين ٿا. سندس قلب پنهنجي خالق حقيقي ڏانهن راغب ٿئي ٿو. هن وقت انسان ماديت ۾ ايترو تہ محو ٿي ويو آهي، جو گويا تہ خالق اڪبر ڪيس خلقيو ئي ان لاءِ هو. ورنہ قرآن حڪيم ۾ فرمايل آهي:

۽وما خلقت الجن والانس الاليعبدون.۽

عبادت گهڻن ئي قسمن جي آهي، جيئن تہ فرض ڪيل عبادتون ۽ ذڪر الله اڪبر. الله تعاليٰ جو ذڪر سڀ ڪان وڏي عبادت آهي. جا اولياءَ اڪرام عليہ الرحمت والرضوان جي سوانح حيات مبارڪ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان حاصل ٿئي ٿي.

في الوقت هت فقط اقطاب عظام مرشدان ڪرام لواري شريف جي ٽن قطبن، انهن جي سوانح حيات ۽ تعليمات ڇپائڻ مقصود هو. جيئن لواري جا لال ڪتاب جي تڪميل ٿئي، ستن ئي لاثاني لالن جون سوانح حيات مبارڪ ڇپجي وڃن. هي ڪم جن بہ جيءَ کي جفا ڏئي تنگ وقت ۾ سرانجام ڏنو آهي، انهن کي شال مولي ڪريم سندس دربار عالي مان بهترين برڪات ۽ اجر عظيم عنايت فرمائي. خاص طرح مڪرمي قاضي محمد اشرف ٽندو جان محمد وارو جنهن باوجود علالت و ملالت تصحيح ڪئي ۽ محترم محمد پناهہ ڦرڙو جنهن ڪتاب کي ٺاهي جوڙي ترتيب ڏنو. مالڪ مولي العظيم مٿن مهربان هجي!

فيض محمد نقشبندي
(اتون سجاده نشين درگاهہ لواري شريف)

5 ذوالقعد 1403هہ ڪراچي

Scanned with CamScanner

پيغامات

هفتہ روزه پير و مرشدءِ منهنجي نظر مان گذريو. ان جي اشاعت معتقدين اولياءِ ڪرام ۽ قارئين تصوف جي لاءِ هڪ نهايت اهميت جو حامل آهي. منهنجي دعا آهي تہ الله تبارڪ تعاليٰ هن هفتہ روز کي ڏينهن ڏوڻي ۽ رات چوڻي ترقي عطا فرمائي ۽ ان جي ارباب حل و عقد جي دل جا مقصد پورا ٿين. منهنجي اها توقع آهي تہ هيءَ اخبار هفتہ روز مان تبديل ٿي روزانہ جي صورت اختيار ڪري ۽ قارئين ان کي هٿان هٿ کڻي وٺندا. آمين.

...

نهايت مسرت جو مقام آهي جو اڄ مرشدنا و سيدنا آقاءِ من، قطب الاقطاب، غوث الاغيات حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن جي زندگي مبارڪ ۽ تعليم بابت اعليٰ پيماني تي ناجيہ شاگرد تنظيم (نشات) جماعت لواري شريف طرفان سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو آهي. اهڙن مبارڪ مجلسن مان انسانن جي دلين تان اونداهيءَ جا آثار ميٽجيو وڃن ۽ دلين ۾ ياد الاهي ۽ نورانيت اچيو وڃي.
دعا گهرندڙ آهيان تہ موليٰ الڪريم سندن ڪوشش کي ڪامياب ڪري ۽ توفيق عطا فرمائي، جو سيني سردارن لواري شريف جن جي زندگي مبارڪ ۽ تعليم بابت سيمينار ملهائي، اسلام ۽ طريقت پاڪ جي خدمت ڪندا رهن. والله الموفق.

...

بسم الله الرحمان الرحيم
نحمده ونصلي عليٰ رسولہ الڪريم

Scanned with CamScanner

حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره سيمينار جي سانگهڙ شهر ۾ انعقاد ٿيڻ تي مون کي دلي خوشي ٿي آهي. ان متبرڪ ڪم کي سرانجام ڏيڻ ۾ جن ڀرو ورتو آهي ۽ ڪوشش ڪئي آهي، اهي مبارڪباد جا مستحق آهن. دعا آهي تہ مالڪ ڪريم کين آئينده بہ اهڙي خدمت ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

. . .

بسم الله الرحمان الرحيم

نشات گرلس ونگ تنظيم، جماعت لواري شريف اندر عورتن طرفان ساراهہ جوڳو قدم آهي ۽ اها مومنياڻين لاءِ هڪ بهترين مشعل راهہ پڻ آهي. نشات گرلس ونگ جو وجود ۾ اچڻ ۽ انهن جي ڪارڪردگيءَ کي مدنظر رکندي اسان خوش آهيون جو هو پنهنجي وت آهر خدمت ٿيون پيون ڪن ۽ دعا آهي تہ مالڪ الڪل گرلز ونگ جي ڪارڪنن کي ڪاميابين سان هم ڪنار ڪري ۽ کين وڌيڪ خدمت ۽ محنت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

. . .

بسم الله الرحمان الرحيم

نحمد و نصلي عليٰ رسول الڪريم

ناچيہ شاگرد تنظيم جماعت لواري شريف طرفان سندس وجود ۾ اچڻ جي ڏهين سال جي موقعي تي جشن مبارڪ حضرت قبلہ مرشدنا و مولانا حضرت سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان قدس سره جو اهتمام قابل تحسين عمل آهي. جنهن لاءِ کين مبارڪباد ٿو ڏيان.

گذريل ڏهن سالن جي عرصي دوران نشات والهانہ جذبہ ۽ لگن سان درگاهہ عاليہ لواري شريف جي خدمت سرانجام ڏيندي رهي آهي ۽ دعا آهي تہ شال مالڪ سائين کين آئينده بہ اهڙي ريت ان کان بہ وڌيڪ جوش، جذبہ ۽ لگن سان درگاهہ عاليہ لواري شريف جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

Scanned with CamScanner

منهنجو تاڪيد آهي تہ هو پاڻ بہ شريعت ۽ طريقت جي حڪمن احڪامن تي پابندي سان عمل پيرا رهن ۽ جماعت کي بہ انهن تي عملبند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن تہ شال مالڪ ڪريم جن جون رحمتون ۽ برڪتون مٿن وسنديون رهن ۽ سندن شامل حال رهن.

...

مئنيجنگ ڪميٽي جماعت لواري شريف هن سال سوينيئر شايع ڪرائڻ جو اهتمام ڪيو آهي. جنهن ۾ تصوف طريقت ۽ بزرگان لواري شريف جي حالات حيات مبارڪ تي بصيرت افروز مضمون شامل آهن. ڪميٽي جا ارڪان هن خير جي ڪم تي مبارڪ باد جا مستحق آهن. مالڪ پاڪ انهن کي خير جي جزا ڏئي مون کي يقين آهي تہ جيڪو انهن اڪابرن بزرگن نقشبندين جي حالت مبارڪ جو بغور مطالعو ڪندو، انهن جي ارشادات ۽ مقولات کي ياد رکندو ۽ انهن تي عمل بند ٿيندو، اهو انهن برگزيدن قدس سره جي طفيل دلي مقاصد حاصل ڪندو. آءٌ موربي ميمڻ لواري شريف اسٽوڊنٽس گروپ جي اراڪين کي بہ مبارڪباد ڏيان ٿو جن دستور مطابق هن سال بہ حضرت قبلہ پير بادشاه قدس سره جن جي ساليانی عرس مبارڪ جي موقعي تي هڪ متبرڪ جلسي جي انعقاد جو اهتمام ڪيو آهي. مالڪ سائين انهن جي ڪوشش کي بہ مقبول فرمائي. منهنجو جماعت لواري شريف جي جملہ ماڻهن کي زور وارو تاڪيد آهي تہ هو مرشدنا قطب الاقطاب غوث الاغيات حضرت پير بادشاه خواجہ گل حسن صديقي قدس سره جن جي احڪامات تي سختي سان ڪاربند رهن. شريعت ۽ طريقت جي مڪمل پيروي ڪن ۽ جملہ نشي آور شين کان پري رهن. پڻ گلا، غيبت، چغلي، بدگوئي، نفرت وغيره کان مڪمل پاسو ڪن. انهن کي گهرجي تہ هو پاڻ ۾ محبت، هيڪڙائي، ڀائيچاري اتحاد ۽ اتفاق کي فروغ ڏين. تہ حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن جي رحمت ۽ سخا جا دروازا انهن تي هميشہ کليل رهن ۽ انهن کي دنياوي ۽ اخروي سعادتون نصيب ٿين. دعا آهي تہ مالڪ سائين جماعت ناجيہ کي پنهنجي حفظ ۽ امانٌ ۾ رکي. آمين.

Scanned with CamScanner

سنڌن دور ۾ باوجود سخت مخالفت ۽ اندروني مسئلن جي ڪيترائي ڪتاب ڇپجي منظر تي اچي ويا. جن مان مکيہ هي آهن:

12 نمبر هر سال حضرت پير بادشاهہ قدس سره جن جي ساليانی عرس مبارڪ جي موقعي تي مختلف شخصن کان لکرايل

1. پير بادشاه	پهريون جلد	عبدالعزيز لانگاهہ.	1983ع
2. = =	ٻيو جلد	شرف الدين جوڻيجو	1984ع
3. = =	ٽيون جلد	خدابخش ارباب مير مقبول احمد ٽالپر	1985ع
4. = =	چوٿون جلد	احسان گل ڏاهري	1986ع
5. = =	پنجون جلد	احسان گل ڏاهري	1987ع
6. = =	ڇهون جلد	احسان گل ڏاهري	1988ع
7. = =	ستون جلد	احسان گل ڏاهري	1989ع
8. = =	اٺون جلد	محمد پناهہ ڦرڙو	1990ع
9. = =	نائون جلد	امان گل ڏاهري	1991ع
10. = =	ڏهون جلد	محمد پناهہ ڦرڙو	1992ع
11. = =	يارهون جلد	ڦوٽو نياز جوڻيجو	1993ع
12. = =	ٻارهون	غلام نبي ڪيريو	1994ع
13. خواجہ احمد زمان		الاهي بخش مشوري، خدا بخش ارباب، آفتاب احمد ڦرڙو	1984ع

14. ديوان سعيد

15. صقال الضمائر اردو ترجمو محمد آدم اسحاقاني — 1988ع

16. سوينئر سلطان الاولياءُ سيمينار 1986ع محمد پناهہ ڦرڙو — 1986ع

17. لواري جا لال ياڳو ٻيو — محمد پناهہ ڦرڙو — 1983ع

18. ڳرهوڙي ڏانهن منسوب ڪيل پيشنگوئي

غلام محمد گرامي ٽيون ايڊيشن — 1990ع

19. آئينہ نشات — امان گل ڏاهري — 1991ع

Scanned with CamScanner

20. اظهار حقيقت	جماعت لواري شريف	1986ع
21. پيغام نشات هنتيوار ماهوار	ڊاڪٽر ناجي	24 پرچا 1987 کان 1989
22. سالانہ عرس مبارک حضرت پير بادشاهہ	موربي ميمن لواري شريف جماعت	چار پرچا

مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ هر هڪ سجاده نشين لواري شريف جن جي ولادت ۽ وصال جي ڏهاڙن پا ڪن جي حوالي سان مضمون ۽ مقالا ڇپرائڻ.

Scanned with CamScanner

مددي ڪتاب

1.	بلوچ خان ٽالپر	فردوس العارفين قلمي
2.	خواجہ گل محمد محبوب الصمد قدس سره	الورد المحمدي قلمي
3.	شهيد علامہ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره	فتح فضل قلمي
4.	پير ميان محمد صالح دمائي رحہ	بياض دمائي قلمي
5.	نور محمد شاه ڪنڊائي رحہ	مڪتوبات ڪنڊائي قلمي
6.	حمل فقير لغاري رحہ مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ	ڪليات حمل
7.	عبدالغفور بن حيدر سيوستاني	تذڪره مشائخ سيوستان
8.	علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي	الرحيم 4-3 سال 1967ع
9.	مرتب غلام محمد گرامي	تحفہ لواري شريف
10.	محمد امين شرقپوري	اولياءِ نقشبند
11.	= =	رسالہ حقيقت اسلام آگسٽ 1952ع
12.	علامہ عالم فقير	تذڪره اولياء پاڪستان حصو ٻيو
13.	عبدالواحد سنڌي	ماهنامہ نئين زندگي فيبروري 1902ع
14.	محمد پناهہ ڦرڙو	لواري جا لال ڀاڱو ٻيو
15.	جلال الدين سيوطي	جمع الجوامع
16.	عبدالعزيز لاتگاهہ	پير بادشاه نمبر1
17.	صاحبزادو محمد زبير	جان جانان

Scanned with CamScanner

18. پير حسام الدين راشدي

19. غلام محمد گرامي

20. عبدالقدوس هاشمي

21. نور بخش توڪلي

تصحيح و تاليقات تذڪره مشائخ سيوستان

سہ ماهي مهراڻ نمبر3 سال 1974ع

تقويم تاريخي (قاموس تاريخي) ڇاپو ٻيو 1987ع.

اداره تحقيقات اسلامي اسلام آباد.

مشائخ نقشبنديه

Scanned with CamScanner